ساڃي

ٽماهي

ايڊيٽر:
تاج محمد نظاماڻي

ائين ڪڙي
تاريخ اشاعت
١ اپريل ١٩٩٣ء


ايڊيٽوريل بورڊ:
- عبدالعزيز لغاري
- عبدالباسط قريشي
- الطاف حسين نظاماڻي

سرڪيوليشن انچارج:
عبدالحميد شيخ

قيمت
٣ روپيه

رابطي لاءِ:
دفتر ساڃي نزد حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ حيدرآباد

ڪمپيوٽر آپريٽر: امتياز علي شيخ



جهاتي

شاهہ جو پيغام

جِڪري جهوڳ جوان، ڏسان ڪونہ ڏينهن ۾،
مهڙ مڙني مرسلين سرس سندس شان،
"فَڪَانَ قَابَ قَوسَيِن اَواَدنيٰ" اِي ميسر تنهن مڪان،
اَمرُ ڪَارڻَ خَلِيلَ جَي قَادِرَ مُڪو قُرانُ،
اي آڳي جو احسان، جنہ هادِي ميڙيئہ هڙو.

ڪاشف سعيد شيخ لاڙڪاڻو

الله جو نيڪ پانهو

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو شمار
الله جي نبي جي دوستن يعني بهترين
صحابہ رضہ ۾ ٿيندو آهي. هو پهريون
مرد هو جنهن اسلام قبول ڪيو ۽
مڪي جي مشڪل زندگيءَ ۾ آنحضرت
رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو ساٿ ڏنو.

حضرت ابو بڪر رضہ عاشقِ
رسول صلعم هيو ۽ حضور صلعم جي
وفات کانپوءِ مسلمانن جو سڀ کان
پهريون خليفو منتخب ٿيو جنهن ڏينهن
تي اهو اعلان ٿيو تہ حضرت
ابوبڪر صديق رضہ مسلمانن جو پهريون
خليفو چونڊيو ويو آهي تہ انهيءَ ڏينهن
تي هڪ ننڍو يتيم ڇوڪرو روئي پيو،
ان ننڍي ڇوڪري کان پڇيو ويو تہ
تون روئين ڇوٿو! ڇوڪري جواب ڏنو
تہ مان روئان ان لاءِ نہ ٿو تہ حضرت
ابوبڪر رضہ خليفو ٿي ويو آهي پر
مان تہ روئان ان لاءِ ٿو تہ حضرت
ابوبڪر صديق رضہ خليفي ٿيڻ کان
اڳ منهنجي مينهن ڏ هندو هيو، انهيءَ
مينهن هاڻي ڪير ڏ هندو، اها ڳالهہ
جي حضرت ابوبڪر رضہ کي خبر
پئجي وئي، حضرت ابوبڪر ان ڇوڪري
جي گهر وڃن ٿا ۽ ان يتيم ڇوڪري
کي چون ٿا تہ مان خليفو ٿي ويو
آهيان تہ ڇا ٿي پيو! مان تنهنجي مينهن
هر روز ڏهڻ ايندس.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زماني
۾ هڪ پوڙهي انڌي عورت رهندي هئي
جنهن کي گهر جي صفائي، رڌ پچاءُ ۽
سوڌو وغيره ولڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي
هئي، ان لاءِ حضرت عمر فاروق رضہ
روزانو ان عورت جي گهر ويندا هئا ۽ ان
عورت جو سڄو ڪم ڪري ايندا هيا. ائين
هڪڙي ڏينهن حضرت عمر فاروق ان
پوڙهيءَ جي گهر ويا تہ گهر جو سڄو
ڪم ٿيل هيو، حضرت عمر فاروق رضہ
گهر جو ڪم ڏسي ڏاڍا حيران ٿيا ۽
دل ئي دل ۾ چيائون تہ هوندو ڪو"الله جو
پانهو"ائين حضرت عمر فاروق رضہ ٻئي
ڏينهن تي گهر ويو تہ تڏهن بہ گهر جو
سڄو ڪم ٿيل هيو ۽ ائين بہ ٽي ڏينهن
لاڳيتو ويو پر روز گهر جو ڪم ٿيل
هوندو هيو، حضرت عمر فاروق رضہ
دل ۾ چيو تہ اهو الله جو پانهو آهي
ڪير! ۽ ائين حضرت عمر فاروق رضہ
کي ان الله جي پانهي کي ڏسڻ جو ڏاڍو
شوق پيدا ٿيو حضرت عمر فاروق رضہ ٻئي
ڏينهن تي ٿورور ساجهر پرو ويو تہ ڇا
ٿو ڏسي تہ پنهنجي وقت جو خليفو حضرت
ابوبڪر صديق رضہ ان پوڙهي عورت جي
گهر جو ڪم ڪري رهيو هيو.

اهو ڪم حضرت ابوبڪر صديق رضہ
ڪن بہ نہ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ
اهو ڪم تہ انهيءَ لاءِ ڪندا ها جو خود
رسول ﷺ پاڻ بہ ڪندا هيا.

ذيشان بن صفدر

قسط پهرين

سهارو

هڪ سچي جرمن ڪهاڻي

(جنگ جي تباهه حال ٻن معصومن جي همت ۽ حوصلي جي سچي ڪهاڻي)

سچو گهر سڙي راک ٿي ويو، ڏونهين جا ڪڪر چئني طرف ڦهلجي رهيا هئا. جڏهن شهر تي پهريون حملو ٿيو ته ٻئي ڀاءُ ڀيڻ پنهنجي گهر کان ميل ڪن پري هڪ قديم عمارت جي باغ ۾ راند ڪيڏي رهيا هئا. جمي ۽ جين کي اها جڳهه تمام گهڻي پسند هئي. جڏهن به انهن کي واندڪائي ملندي هئي ته ٻئي اکين ئي اکين ۾ هڪٻئي کي اشارو ڪري پنهنجي ماءُ کان اجازت گهرندا هئا.

"ڪيڏانهن ويندا آهيو؟ ماءُ هنن کان پڇندي هئي. سامهون واري پارڪ ۾ ته اوهان ڏسڻ ۾ ڪونه اچو."

جمي ڪلندي چوندو هو ته امان اهو هڪ راز آهي... ۽ جين به کلڻ لڳندي هئي گهر ان هڪ ميل جي فاصلي تي اهو باغ هو، جيڪو ڪيترن ئي عرصي کان ويران هو، اتي ڏکهو ڏکهو گاهه ايري آيو هو. باغ سان گڏ پراڻي کنڊر عمارت به هئي. هيءَ جڳهه جمي ڳولي هئي.

ٻئي ڀاءُ ڀيڻ اٺن ۽ ستن سالن جي عمر جا هئا گڏ اسڪول ويندا هئا اسڪول ۾ ته ٻنهي جا پنهنجا پنهنجا دوست هئا پر اسڪول کان ٻاهر انهن ڪنهن کي به دوست نه بنايو هو.

هڪ ڏينهن جين جي طبعت ڪجهه خراب هئي. جمي کي اڪيلو ئي اسڪول وڃڻو پيو. هو ڀيڻ کانسواءِ ڏاڍو اداس هو. اسڪول ۾ به ڪنهن شيءِ ۾ هن جي دل ڪانه پئي لڳي موڪلڻ ٿيڻ شرط هو گهر ڏي هلڻ لڳو. بي ڌياني ۾ هو گهر طرف اچڻ واري رستي بدران هڪ ٻئي رستي تي هلڻ لڳو. هن کي پنهنجي غلطي جو احساس ان وقت ٿيو جڏهن هو ان کنڊر جي ويجهو وڃي پهتو.

اهڙي ويران باغ ۽ کنڊر صورت عمارت کي ڏسي هن جي دل ۽ دماغ ۾ ان کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو. سڪل، آڏا ابتا وڻ، ڏکهو ۽ بي ترتيب گاهه...ڀڳل ٽٽل قديم عمارت ۽ اتي ڦهليل گهري خاموشي في الحال ته هن کي خوفزده ڪري ڇڏيو. پر جلد ئي هن کي هي جڳهه پرسڪون ۽ خوبصورت محسوس ٿيڻ لڳي. هو گهر واپسي تي ڏاڍو خوش هو ته هن راند لاءِ هڪ نئين ۽ پرسڪون جڳهه تلاش ڪري ورتي هئي.

ٻن ڏينهن کانپوءِ جڏهن جن جي طبعت نيڪ ٿي ته ان کي به هو اتي وٺي آيو جين کي به اها جڳهه تمام گهڻي

پسند آئي.

۽ ان ڪانپوءِ تہ اهو انهن جو روز جو معمول بنجي ويو.... وقت ملڻ تي اهي راند لاءِ اتي هوندا هئا ۽ پوءِ خوب راند رهندا هئا.

جين ۽ جمي کي اها خبر هئي تہ ٻي جنگ عظيم خطرناڪ حد تي پهچي چڪي هئي هنن جو ملڪ جرمني ڏينهون ڏينهن شڪست طرف وڃي رهيو هو ڪائڻ پيئڻ جون شيون بہ خطرناڪ حد تائين گهٽ تي چڪيون هنيون. پر تڏهن بہ شهر جي هر ٻار وانگر اهي بہ اهوئي سمجهندا هئا تہ جنگ هنن جي پرامن شهر کان تمام گهڻو پري وڙهي پئي وڃي ۽ اهي جنگ جي ٻاهہ کان محفوظ آهن..... ان ڏينهن ناشتي ڪانپوءِ ڪجهہ دير تائين گهر جي ڪم ۾ پنهنجي ماءُ جو هٿ ونڊرائيندا رهيا آچر جو ڏينهن هو. اسڪول ۽ آفيس ۾ هنتيوار موڪل هئي. هنن جو پيءُ بہ گهر ۾ هو. جمي ۽ جين پنهنجي ماءُ کي چيو! امان اسين کيڏڻ ٻيا وڃون.

پنهنجي مخصوص خفيہ جڳهہ تي..... ماءُ هنن ڏانهن مسڪرائيندي چيو ها... امان جين معصوم ٽهڪ ڏيندي چيو ٻڌو، جلدي اچجو، .... دير نہ ڪجو... هنن جي پيءُ انتهائي شفقت سان چيو، ٻنپهرن ڪانپوءِ اوهانجي چاچي ڏانهن هلڻ جو پروگرام آه.

نيڪ آهي بابا اسين ٻنپهرن کان پهرين ايندا سين. پوءِ ٻئي ڀاءُ ڀيڻ کلندي کڏندي ٻاهر نڪتا.

کنڊر جي هڪڙي ڪمري ۾ انهن پنهنجا ڪتاب ۽ رانيڊڪا لڪائي رکيا هئا. ۽ هنئر هو ٻئي اتي راند ڪري رهيا هئا هتي هو آزاد هئا ڪوبہ هنن کي روڪڻ وارو ڪونہ هو ٻئي آرام سان سڪون سان راند ڪري رهيا هئا انهن ٽائم ڏٺو تہ ساڍا يارنهن ٿيا هئا. اوچتو فضا ۾ بي شمار جهازن جو آواز گونجيو ۽ زمين ڏڏجڻ لڳي. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ ڊڄي ويا. انهن هڪ ٻئي ڏي ڏٺو ۽ ڊوڙي کنڊر جي ڪمري مان ٻاهر نڪتا.

آسمان هوائي جهازن سان ڀريل هو. هو حيرت سان انهن کي ڏسڻ لڳا. اوچتو ڌماڪا ٿيا. جهازن بمباري شروع ڪري ڏني هئي. ٻئي معصوم ڊڄي ويا ۽ جين تہ ڊپ وچان رڙيون ڪرڻ لڳي. ٻاهر ڌماڪا تي رهيا هئا گولين جا ٺڪاءُ ڪن ڦاڙي رهيا هئا. خبر ناهي ڪيتري دير تائين اهو عمل جاري رهيو ۽ پوءِ هڪدم خاموشي ڇانئجي وئي. ڇٽني پاسي ماٺ جو راڄ هو، جمي جين کي سهارو ڏنو ۽ پوءِ ٻئي آهستي آهستي ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ جيڪو هنن منظر ڏٺو، اهو هنن لاءِ قطعي غير يقيني هو. جيڏانهن بہ نظر تي وئي اوڏانهن باهہ جا شعلا ۽ گهري دونهن جا ڪڪر هئا. هوائي جهاز مان ڪرايل بمن هنن جي شهر

جي هر شي کي ساڙي ڇڏيو هو. جين اهو ڏسي رڙيون ڪري روئڻ لڳي. جمي ڪافي دير تائين خاموش رهيو ۽ پوءِ حيرت انگيز حد تائين صبر جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ڀيڻ جو هٿ جهلي، ٻاهر ڪان بچندي ڪنڊر ڪان ٻاهر آيو. جڏهن ٻئي روڊ تي پهتا ته هنن ڏٺو ته روڊ ۾ جڳهه جڳهه تي ڪڏا پئجي ويا هئا. گهر ۽ دڪان تباهه تي ويا هئا. ڪجهه گهرن ۾ ته اجان تائين باهه لڳل هئي. درحققت هنن جو پورور شهر باهه جي چادر اوڙهي تباهه تي چڪو هو. جين هوريان سوال ڪيو، جمي هي ڇا تي ويو آهي... جنگ .... دشمن جا هوائي جهاز... بمباري.... اهو چوندي جمي جو آواز ڀرجي آيو.

اماں... بابا جين هڪ سڏڪي ڀريندي چيو ۽ پوءِ هوءَ روئڻ لڳي. جمي به دل ۾ روئي رهيو هو پر ڀيڻ جي سامهون صبر کان ڪم وٺي رهيو هو. هن نرمي سان چيو، جين هل گهر هلون ٿا. روءِ نه.. همت کان ڪم وٺ ۽ ٻئي آهستي آهستي هلندي ٻارن جي پارڪ وٽ پهتا. ٻارن جو ڪلنڊڙ مرڪندڙ پارڪ هن وقت هڪڙي زخمي جانورجي طرح نظر اچي رهيو هو. اوچتو جين وڏي رڙ ڪئي، جمي به اوڏانهن ڏٺو جتي جين جي نظر ٽڪي وئي هئي... به تي مئل ٻار پيا هئا. ڪنهن جو معصوم چهرو جلي ويو هو، ڪنهن جو هٿ پير بدن ڪان ڌار پري پيو هو هڪ مئل ڇوڪري مرندي به پنهنجي گڏي سيني سان لڳائي رکي هئي. هاڻ جمي به وڌيڪ ضبط نه ڪري سگهيو ۽ هو به روئڻ لڳو.... پوءِ آهستي آهستي هو گهر ڏي وڌڻ لڳا. هاڻ هو پنهنجي تباهه حال گهر جي سامهون بيٺا هئا. گهر جون سيئي ڇتون ڪري ڇڪيون هنيون. ڪٿي ڪٿي اجان به باهه دکي رهي هئي. جمي تيزي سان اندر ويو، جين به هن جي پٺيان جلدي جلدي اندر وئي رڙين مٿان رڙيون ڪري رهيا هئا ..... امان ... امان ..... بابا..... بابا... اهي سڏي رهيا هئا.

هلندڙ

عام معلومات

حضور بخش مگڻيجو ٿرڪاٿو

* مصر جو قومي نشان ڪنول جو گل آهي
* جاپان جو قومي گل دائودي گل آهي
* آسٽريليا جو قومي نشان ڪئنگرو آهي
* نيوزيلينڊ جو قومي نشان ڪيوي آهي
* اسپن جو قومي گل شاهين آهي
* ڊينمارڪ جو قومي نشان ڪنارو يا ساحل آهي.

محمد خلد

سيڪريٽ پلان

آخري قسط

اها هڪ مائڪرو فائل هئي جنهن جي مٿان ۽ اندر ڪجهہ نمبر لکيل هئا. مٿي
۲, ۱۴, ۱, ۱۲, ۱۶,.... ۱۱, ٦, ۱۵.... ۱۴, ۱, ۱۲, ۱٦.....۲, ۵, ۱۸, ۵۳,
۱۹ لکيل هئا. ۽ اندر فائل ۾ ڪجهہ بي ترتيب ۽ غير واضح نقشا بہ هئا. انسپيڪٽر نعمان دفتر ۾ ويهي مٿو کپائندو رهيو، پر هو انهن نمبر جي چڪر کي سمجهي نہ سگهيو. پوءِ اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو شايد هو انهن جو مطلب سمجهي ويو هو. هن فوراً هڪ سادي ڪاغذ تي Aکان Z تائين انگريزي الفابيٽ لکي ۽ پوءِ A کان Z تائين سڀني اکرن تي ترتيب وار انگ اکان ۲٦ تائين لکندو ويو ۽ پوءِ هن مائيڪرو فائل تي لکيل نمبر کي سامهون رکي ڪاغذ تي لکڻ شروع ڪيو هن "۱۹ جي جاءِ تي S لکيو ۵ جي جاءِ تي E ۳ جي جاءِ تي ۱۸C جي جاءِ تي R ۵ جي جاءِ E ۽ جي۲ جي جاءِ تي T لکيو تہ لفظ ٺهيو Se-cret۽ اهين هو اڳتي لکندو ويو تہ جملو مڪمل ٿيو ۽ جملو پڙهي هوڏاڍو پريشان ٿيو، ڳالهہ هئي ئي پريشان ڪرڻ جهڙي، ڇالاءِ جو جملو ٺهيو هو.Secret Plan of K- Plant يعني "کهوڙہ پلانٽ جو خفيہ منصوبو" اهڙي طرح جڏهن نعمان فائل جا اندريان صفحا پڙهيا تہ هو حيران ٿي ويو اندر ايتري خطرناڪ تفصيل هئي جو هن فوراً مٿي اعليٰ عهيدارن تائينڳالهہ رسائي ۽ گرفتار ماڻهن جي سخت نگراني جي هدايت ڪئي. انسپيڪٽر ملزمن کان وڌيڪ تفشيش مڪمل ڪري ورتي هئي.

اڄ صبح کان ئي ملڪ جي سڀني اخبارن جا نمائندا ۽ فوٽو گرافر هنجي آفيس ۾ گڏ ٿي رهيا هئا جتي انسپيڪٽر کي پريس ڪانفرس سان خطاب ڪرڻو هو. ٺيڪ ڏهين بجي انسپيڪٽر نعمان ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پريس وارا بہ تيار ٿي ويٺا. انسپيڪٽر نعمان چيو.

”اج جي هن پريس ڪانفرنس جو مقصد کهوٽہ پلانٽ جي خفيہ منصوبي متعلق آهي. جنهن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ اسان جا دشمن سالن کان ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن.ليڪن اهي هميشہ ناڪام ٿيندا انشاء الله انهن کي خبر هجڻ گهرجي تہ هي اسان لاءِ موت ۽ زندگي جو سوال آهي. ان منصوبي تي ئي اسان جي مستقبل جو دارو مدار آهي. اسانجو ازلي يهودي دشمن ملڪ اسانجي هڪ پاڙيسري ملڪ سان ملي اسان جي انهن ائٽمي تنصيبات کي تباهہ ڪرڻ لاءِ سالن کان ڪوشش ۾ رڌل آهي. هن دفعي انهن سانجي ئي ملڪ جي چند ضمير فروشن کي خريد ڪري اهو منصوبو رٿيو هو. هن منصوبي مطابق هنن کي ائٽمي پلانٽ ۾ ڪم ڪندڙ چيف انجنيئر عظيم الدين کي اغوا ڪري ان جي جاءِ تي نقلي عظيم الدين موڪلڻوهو جڪو انهن جي منصوبي کي پورو ڪري ها. اهي عظيم الدين جي رهڻ ڪرڻ، هلڻ ڦرڻ، آواز کان پهرين مطلع ٿي چڪا هئا. اهو سڀ ڪجهہ هنن باهر موڪلي ڇڏيو هو. جتي انهن عظيم الدين جو هڪرادو منهن تيار ڪري ورتو هو. جنهن کي پائي ڪنهن کي ذري برابر شڪ بہ نہ ٿئي ها تہ ڪو هي نقلي عظيم الدين آهي. سڄي عمل لاءِ هنن هڪ سزا يافتہ مجرم کي هٿ ڪيو هو جنهن کي هنن ڳري رقم ڏئي ان ڪم لاءِ راضي ڪيو هو ان کي هنن ضروري ڪمانڊو تربيت بہ ڏني هئي ۽ هاڻ اهو پاڪستان اچڻ وارو هو جتي هو اصلي عظيم الين جي جڳهہ وٺي ها ۽ پوءِ ڊيوٽي جي وقت پنهنجي جسم جي مختلف حصن ۾ ننڍا ننڍا ريموٽ ڪنٽرول بم ڪٽي وڃي ها ۽ جيئن ئي هو پلانٽ ۾ داخل ٿئي ها، ان ئي وقت ويجهي ۽ پري کان بمن جا ڌماڪا ٿين ها. جنهن جي ڪري سيڪيورٽي ۾ افراتفري مچي وڃي ها ۽ نقلي عظيم الدين بنا چيڪنگ جي اندر وڃي ها. جتي هو اسلحي جي ذخيري ويجهو بم فٽ ڪري ها. ڪجهہ دير کان پوءِ هو باهر وڃي ريموٽ ڪنٽرول کي دٻائي ها ۽ ائين زوردار ڌماڪا ٿين ها. ميزائل چارج ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڪرن ها ۽ زبردست جاني نقصان پهچائي ها ۽ سڄي عمارت تباهہ برباد ٿي وڃي ها ۽ ائين دشمن جو خواب پورور ٿي وڃي ها.“

هٺي ڏينهن اخبارون عدنان، جاويد، عرفان، ۽ انسپڪٽر جي ڪارنامن سان ڀريون پيون هنيون.

حج اڪبر

ٽين صدي هجري جو ذڪر آهي تہ ملڪ شام شهر دمشق ۾ هڪ نيڪ دل بزرگ احمد بن اسڪان رهندو هو هن کي حج ڪرڻ جي وڏي آرزو هئي ۽ اها بہ خواهش هئس تہ مڪي پهچي اتي جي غريبن ۽ محتاجن ۾ دل کولي پئسا خيرات ڪري. انهي مقصد لاءِ هو ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي آمدني مان ڪجهہ رپيا بچائي رکي ڇڏيندو هو جڏهن هڪ وڏي رقم هن وٽ گڏ ٿي وئي تہ هن حج لاءِ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. حج لاءِ رواني ٿيڻ ۾ جڏهن باقي ڪي ٿورا ڏينهن وڃي بچيا هئا تہ هڪ ڏينهن هن پنهنجي ننڍي ڇوڪري کي ڪنهن ڪم سان پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ جي گهر موڪليو ٿوري دير کان پوءِ هو واپس آيو تہ هن جي منهن تي رنج جا آثار هئا. احمد بن اسڪان هن کان پڇو تہ:

"پٽ رنج جو ٿيو آهين؟"

تہ هن چيو: "بابا! آئون جڏهن پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر ويس تہ هنن ٻڪل گوشت پئي ڪاڌو. آئون هنن جو منهن ڏسندو رهيس. ۽ هنن مونکي کائڻ جي صلاح بہ نہ ڪئي ۽ نہ ئي وري اهو پڇيائون تہ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين"

ڇوڪري جي ڳالهہ ٻڌي احمد بن اسڪان کي بہ ڏاڍو رنج ٿيو. هو پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر ويو هن کي سڏ ڪيائين.

"جو ادا پاڙي وارن جو اهو حق هوندو آهي جيڪو تو ادا ڪيو آهي. منهنجو ٻچڙو توهان جو منهن ڏسندو رهيو ۽ توهان ٻڪل گوشت کائيندا رهيو. هن معصوم کي هڪ گراهہ جو بہ نہ پڇيو."

اهو ٻڌي هن جو پاڙيسري روئڻ لڳو ۽ چيائين تہ افسوس هاڻي اسان جو راز کلي ويو. خدا جو قسم پنج ڏينهن تائين منهنجي گهر واري جي وات ۾ هڪ داڻو بہ ڪونہ ويو آهي پر مونکي ٻين جي آڏو هٿ ٽنگيندي شرم ٿي آئي. جڏهن ڏلم تہ وڌيڪ فاقو برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڪونهي تہ جهنگ ڏانهن نڪري ويس تہ متان ڪجهہ ملي وڃي. هيو تہ ڪجهہ ڪونہ مليو هڪ مئل ٻڪري پئي هئي انهي جو ٿورو گوشت ڪٽي آيس. انهي گوشت کي ئي اسان ٻُجي پي کاڌو. اهوئي سبب هو جو مون توهان جي پٽ کي ڪجهہ نہ ڏنو نہ تہ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اسان وينا گوشت کائون ۽ توهان جو پٽ اسان جو منهن ڏسندو رهي."

اهو ٻڌي احمد بن اسڪان جي اکين مان ڳوڙها اچي ويا. رکي رکي اهو ٿي سوچئين تہ. اي احمد تنهنجي گهر

هزارين ربيا پيا آهن ۽ تنهنجو پاڙيسري فاقن کان مجبور ٿي مردار کائڻ تي مجبور ٿيو آهي قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ کي ڇا جواب ڏيندي. تنهنجو حج ڪيئن قبول ٿيندو.

اهو سوچيندي سوچيندي هو پنهنجي گهر ڏانهن موٽيو ۽ تمام رقم جيڪا حج لاءِ جمع ڪئي هيائين خاموشي سان ڪٿي اچي پنهنجي پاڙيسري کي ڏنائين. هاڻي سندس حج تي وڃڻ به ممڪن نه رهيو ڇو جو حج انهي تي فرض آهي جنهن وٽ انهي لاءِ خرچ هجي.

هوڏانهن حج جو زمانو آيو ته هزارين لکين حاجي عرفات جي ميدان ۾ اچي جمع ٿيا. انهن ۾ انهي زماني جو هڪ پرهيزگار بزرگ حضرت ذوالفون مصري رح به هو هڪ ڏينهن هن عبادت ڪندي ائين محسوس ڪيو ته غيب مان آواز پئي اچي ته هن سال احمد بن اسڪان دمشقي حج جي نيت ڪئي پر نه اچي سگهيو. مگر هن کي حج اڪبر جو ثواب عطا ڪيو ويو ۽ ٻين جو حج به هن جي سببان قبول پيو.

حضرت ذوالنون مصري تمام حيران ٿيو ته احمد بن اسڪان جو الهه کهڙو ڪم الله تعاليٰ کي پسند اچي ويو آهي جو هن جي هتي اچڻ جي سواءِ ئي هن کي حج اڪبر جو ثواب ملي ويو آهي. حج کان فارغ ٿي هو سڌو دمشق آيو ۽ احمد بن اسڪان رح سان ملاقات ڪري هن کان حج تي نه اچڻ جو سبب پڇيائين. احمد بن اسڪان رح سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ته حضرت ذولفون رح هن کي چيو ته:

”مبارڪ هجنئي الله تعاليٰ تنهنجو حج قبول ڪري ورتو آهي بلڪ توکي حج اڪبر جو ثواب عطا ڪيو آهي اهو ٻڌي احمد بن اسڪان رح روئڻ لڳو ۽ بار بار الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ لڳو. ٻئي سال الله تعاليٰ هن کي مال ۾ اينري ته برڪت ڏني جو هو حج تي ويو ۽ حج به ڪائين ۽ اتي جي غريبن ۽ محتاجن ۾ دل کولي ربيا به خيرات ڪيائين اهڙي طرح الله تعاليٰ هن جي دلي آرزو به پوري ڪئي.

ٻارن جي شخصيت

حسين موريو اڙڪانو

* جنهن ٻار تي اعتبار نه ڪيو ويندو آهي اهو ڌوکو ڏيڻ سکندو آهي
* جنهن ٻار کي سچ ڳالهائڻ سيکاريو وجي اهو انصاف ڪرڻ سکندو آهي.
* جنهن ٻار جي تعريف ڪئي ويندي آهي اهو سئين شين کي پسند ڪندو آهي
* جنهن ٻار کي هر وقت همتايو ويندو آهي ان ۾ اعتماد وڌندو آهي.

خواهش

خرم بشير شيخ شهدادڪوٽ

اڄ اسلم کي پورو ٽيون مهينو هو پيسن گڏ ڪرڻ ۾ ۽ هو اڄ ڏاڍو خوش هو اسلم خوش انهيءَ ڪري هو جو هن جي اڄ هڪ خواهش پوري ٿيڻ تي هئي. اسلم جي خواهش دراصل هيءَ هئي جو هن پنهنجي پاڙي جي دڪان ۾هڪ جڪيٽ پسند ڪئي هئي ۽ ان جي قيمت جيترا پيسا گڏ ڪرڻ لاءِ هن پورا ٽي مهينا پنهنجي خرچي گڏ ڪئي هئي ۽ اڄ وڃي هن جي جيڪٽ جي قميمت 150 رپيا گڏ ٿيا هئا. اسلم جو پيءُ هڪ آفيس ۾ پٽيوالو هيو ۽ اسلم جي ماءُ ٻين جي گهر ۾ ڪم ڪار ڪندي رهندي هئي. اسلم پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو هڪ ئي پٽ ۽ سهارو هيو انهي ڪري اسلم جو پيءُ اسلم کي ڊاڪٽر بڻائڻ لاءِ اسلم کي پڙهائي رهو هيو ۽ اسلم به پڙهائي ۾ هوشيار هيو ۽ هر سال اسڪول ۾ پهريون نمبر ايندو هيو. اسلم هاڻي ائين جماعت ۾ پڙهندو آهي. اڄ اسلم صبح سوير وهنجي اٿي ڪپڙا پائي چانهه بي گهر مان باهر نڪرڻ تي هيو ته ڪيس سڌ ڪيو ۽ چيائين ته پٽ وڃي شهر مان ڪنڊ ته وٺي اڄ ڪنڊ ختم ٿي وئي آهي. اسلم پيسا وٺي گهر مان نڪري هليو جڏهن اسلم روڊ تي پهتو ته سامهون ماڻهن جو ميڙ ڏسي هي اوڏانهن هليو ويو. جڏهن اسلم ميڙ مان جڳهه ناهيندو وڃي وچ ۾ پهتو ته ڪس اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ته هڪ ننڍڙو زخمي ٻار روڊ تي پيو هيو ۽ ڪيس ڪو به اسپتال کڻي وڃڻ لاءِ تيار نه هيو هن هڪ رڪشي واري کي بيهاري ننڍڙي ٻار کي اسپتال پهچايو. انهي تي اسلم جا سڀ پيسا دوائن ۽ رڪشن ۾ ختم ٿي ويا جڏهن ننڍڙي ٻار کي هوش آيو ته اسلم ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڊاڪٽر کي چيائين هاڻي مان هلان ٿو. ڊاڪٽر چيس يلي وڃ پر پنهنجو پتو يعني ايڊريس ڏئي وڃ اسلم پنهنجو پتو لکرائي هليو ويو اسلم گهر ويهي سوچي رهيو هيو ته ڪيڏي نه محنت سان پائي پائي ڪري جمع ڪيا هئا پر اجا اهو سوچي رهيو هو ته گهر جو دروازو ڪڙڪو هن دروازو کوليو ته سامهون پنهنجي پاڙي واري دڪاندارکي جنهن وٽ هي جيڪيٽ پسن ڪري آيو هو ڏسي حيران ٿي ويو دڪاندار جي هٿ ۾ ڪجهه سامان هيو جيڪو هن اسلم کي هٿ ۾ ڏيندي چيو مهرباني جو تو منهنجي پٽ جي زندگي بچائي هي تنهنجو تحفو آهي. اهو چئي دڪاندار هليو ويو. اسلم

سوچيو جنهن کي مان اسپتال وٺي ويم اهو هن جو پٽ هيو. اسلم جڏهن سامان کوليو تہ ڏاڍو خوش ٿيو انهيءَ پئڪيٽ ۾ اسلم جي پسنديده جڪيٽ هئي ۽ ٻئي ۾ ڪجهہ پئسا هئا جيڪي اسلم وچي دڪاندار کي واپس ڏئي چيو هاڻي تہ منهنجي خواهش پوري ٿي وئي آهي، ٻوءِ روپيہ منهنجي کهڙي ڪم جا اهو چئي اسلم هليو آيو.

مون کي ضرور پڙهندا!!!!



تمام ساٿين کي گذارش آهي تہ—

جيڪا بہ تحرير موڪليو اها صاف ۽ سنئن اکرن ۾، لائين ڇڏي ۽ پني جي هڪ پاسي کان لکيل هجي. پني جي پٺيان ڪجهہ بہ نہ لکو. هر سلسلو الڳ الڳ پني تي موڪليو مثلاً لطيفا الڳ پني تي، ڪهاڻيون الڳ پني تي، بيت شاعري وغيره الڳ پني، معلومات، اقوال زرين، خط الڳ پني، جيڪڏهن هڪ پني تي صرف هڪ لطيفو لکيل هجي ۽ باقي جڳهہ خالي پئي هجي تہ بہ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکو.

هر سلسلي جي مٿان ان جو نالو بہ پني تي ضرور لکو. جيڪو بہ سلسلو توهان موڪليو تہ ان جي هر پني تي مٿين پاسي هڪ ڪنڊ کان پنهنجو نالو ضرور لکو. معياري تحريرون موڪليو. پنهنجي واري اچڻ تي اهي انشاءَ الله شايع ڪيون وينديون. ڪا سٺي ڪهاڻي يا ٻي شئي جيڪا معياري هجي ترجمو ڪري موڪلڻ چاهيو تہ ضرور موڪليو پر جتان ترجمو ڪريو ان ڪتاب جو ۽ مصنف جو نالو ضرور لکو. تعارف صرف ڪوپن سان ۽ صاف ۽ سنئن اکرن ۾ موڪليو نہ تہ تعارف شايع نہ ٿيندو.

ذهني آزمائش جي جوابن سان گڏ ڪوپن لازمي آهي بغير ڪوپن جي مقابلي ۾ شرڪت نہ ٿي سگهندي. جيڪي ساٿي اسڪيچ يا تصويرون يا ڪارٽون يا سنا منظر ناهي موڪلڻ چاهي اهي صاف ۽ سنئن لکيرن واري پني تي صرف ڪاري مس سان ناهي موڪلين . پني جي ڊيگهہ ۽ ويڪر ۲ ۽ اڍائي انچ کان وڌيڪ نہ هجي.

مٿيون شرطون پوري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ توهان جي اماڻيل ڪا شئي شايع نہ ٿي تہ ان جي ذميداري اداري تي نہ هوندي.

ڪابہ تحرير موڪلڻي هجي تہ ساٿي جي پهرين صفحي تي ڏنل ايڊريس تي موڪليو يا ساٿي جي حوالي سان ڪا ڳالهہ پڇڻي هجي تہ جوابي لفافو ضرور اماڻيو.

ربنواز سنڌو

پڇتاءُ

"يار آصف هي ڏس خوشي جي عنوان سان رسالي ڪهاڻي موڪلڻ تي قيمتي انعام مليو آهي."

فهيم آصف کي رسالو ڏياريندي چيو.

"واهه واهه يار تنهنجي تہ سڄي اسڪول ۾ لي ٿي ويندي." "يار هڪ منٽ ترس" فهيم ڊرائنگ روم مان نڪري هڪ ڪمري ۾ هليو ويو جڏهن واپس موٽي آيو تہ هن جي هٿ ۾ ڪتابن جا ڍير هئا.

"اڙي هي ڇا؟ آصف حيران ٿيندي چيو.

"ڇريا هي پراڻي زماني جا ڪتاب آهن هنن مان ڪهاڻي نقل ڪري رسالي ۾ موڪليندس ۽ وري پهريون انعام مان ڪٽندس." فهيم خوش ٿيندي چيو.

آصف جڏهن اهو ٻڌو تہ منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويس "يار فهيم تون ائين نہ ڪر تعليم تہ اڳ ۾ ئي تباهي تي پهچي چڪي آهي انهي ۾ تہ تون ڪاپي ڪندو آهين. پر يار الله کي مڃ هن ۾ تہ ڪاپي نہ ڪر. پنهنجو ذهن هلاءِ ڪا سٺي ڪهاڻي ناهڻ ڪو ايڏو مشڪل بہ ڪونهي"

"يار تنهنجي وڏي مهرباني. THANK YOU

پنهنجو مشورو پاڻ وٽ رک."

فهيم هن کي ڪاوڙ ۾ چيو.

آصف اهو ٻڌي اتان هليو ويو.

آصف جي وڃڻ کان پوءِ فهيم رسالن مان ڪهاڻيون ڳولڻ لڳو ڪهاڻي ڳولي هن لکڻ شروع ڪئي ڪهاڻي لکي ان جي مٿان هن ايڊيٽر ڏي خط لکيو تہ سائين مون وڏي محنت سان پنهنجي ذهن سان ڪهاڻي لکي آهي هن کي ضرور شايع ڪندا.

ڪهاڻي موڪلڻ کانپوءِ فهيم رسالي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. آخر رسالو بہ اچي ويو تڪڙ ۽ خوشي ۾ هن رسالو پڙهڻ شروع ڪيو پر هن ۾ فهيم جي ڪهاڻي نہ هئي فهيم مايوس ٿي آصف جي گهر ويو آصف کي رسالو ڏيکاريائين هن رسالو پڙهيو تہ پاسي کان لکيل هيو تہ فهيم جي موڪليل ڪهاڻي اشاعت جي لائق نہ آهي ڇو تہ اها ڪاپي ٿيل آهي آئينده فهيم جو ڪوبہ مواد شايع نہ ڪيو ويندو.

آصف جڏهن اهو پڙهيو تہ فهيم کي چيائين "ڏس فهيم مان توکي چيو هو تہ ائين نہ ڪر پر تو منهنجي ڳالهہ نہ ٻڌي."

اهو ٻڌي فهيم جي اکين مان لڙڪ وهي آيا ۽ چوڻ لڳو ڪاش مان ائين نہ ڪيان ها.

امتحان ڪيئن پاس ڪجي

عبدالرشيد ڪنري

امتحان ... مٿي تي اچي پيا آهن ۽ تياري تہ ڪئي ڪانهي اهڙا جملا اوهان اڪثر پنهنجي ڪلاس ۾ ڪي ڇوڪرن جي واتان ٻڌندا هوندا. ان ڪري جو اهي سڄو سال تہ راند روند ۾ مشغول رهيا ۽ پڙهڻ جو خيال تڏهن آين جڏهن امتحان ويجهو آيا. امتحان کان چند ڏينهن پهرين جن کي تياري جو خيال ايندو انهن ويچارن جي حالت جو جائزو اوهان بہ خوب ڪيو هوندو... پريشان حال ٿيو هيڏانهن هوڏانهن چڪر پيا هڻندا ڪيڏي مهل هڪڙي دوست جي گهر پيا ويندا تہ... خدا جي واسطي فلاڻي سبجيڪٽ جي فيئر ڪاپ هڪڙي ڏينهن لاءِ ڏي، تہ سبق ياد ڪري ونان ڪڏهن وري ٻئي دوست کي پيا منٿون ڪندا تہ فلاڻي مضمون جا نوٽس ڏي، اڄ ئي فوٽو اسٽيٽ ڪري واپس ٿو ڏيئي..... ۽ اوهان پاڻ ئي سوچيو امتحان جي ڏينهن ۾ اوهان پاڻ پڙهندا يا پنهنجي ڪاپي يا جنرل وغيره پنهنجي دوست کي ڏيندؤ .... ۽ اهو بہ اهڙي دوست کي جنهن سڄو سال آرام ڪيو هجي.. ياد رکو امتحان جي تياري نئين ڪلاس ۾ وڃڻ جي پهرين ڏينهن کان شروع ڪجي. بنا ڪنهن مجبوري جي ڪلاس مس نہ ڪجي. اگر ڪنهن مجبوري سبب غير حاضر ٿيو، تہ بہ پنهنجن استادن يا دوستن کان انهن ڏينهن جو ڪم معلوم ڪري مڪمل ڪري وٺو. ڪلاس روم ۾ پنهنجي ذهن کي يڪسو ڪري استاد جو لڪچر ٻڌو.

شاگردي جي دور ۾ سڀني کان اهم شي ٽائيم ٽيبل آهي اوهان پنهنجي منصوبہ بندي مطابق گذاريو. هر شيءِ جي لاءِ وقت مقرر ڪيو، تہ هن ٽائيم تي اسڪول وڃڻو آهي، هن ٽائيم تي گهر جو ڪم ڪرڻو آهي، هن ٽائيم تي راند رهڻي آهي، فلاڻي وٽ تي هوم ورڪ ۽ پڙهائي ڪرڻي آهي.وغيره سڀني کان اهم شيءِ انهيءَ ٽائيم ٽيبل جي پابندي ڪرڻ آهي. ائين نہ ٿئي جو پڙهائي واري ٽائيم تي بہ اوهان راند روند ۾ مشغول هجو.

امتحان ويجهي اچڻ تي هڪ جائزو وٺو تہ اوهان لاءِ ڪهڙي سبجيڪ جي تياري وڌيڪ اهم آهي، ڪهڙي مضمون کي ڪيتري توجہ ڏجي جو سٺيون مارڪون ملن ۽ پوءِ ان مطابق عمل ڪريو. پڙهائي لاءِ اهم شي وقت جو انتخاب آهي.اڪثر ڪري شاگرد رات جو دير تائين پيا پڙهندا آهن پر ساٿيو پڙهائي جو

سنو ٽائيم صبح سوير آهي. ڇا لاءِ جو ان وقت ماڻهو ننڊ ڪري اٿندو آهي. ذهن تازو هوندو آهي ۽ سبق ياد ڪرڻ سولو ٿي پوندو آهي.

پڑهائي جي وقت اوهان جو ڌيان پڑهائي طرف هجڻ گهرجي. جيئن اوهان ڪنهن ڪهاڻي يا رسالي جو مطالعو ڪندا آهيو ته اها اوهان کي هميشه ياد رهندي آهي. بلڪل ائين ئي جيڪڏهن اوهان پنهنجي ذهن کي حاضر رکي مطالعو ڪيو ته پوءِ ڪورس به اوهان کي ڪهاڻين وانگر هميشه لاءِ ياد ٿي ويندو.

امتحانن جي ڳالهه هجي ۽ ڪاپي جي ڳالهه نه ٿئي درحقيقت اها هڪ اهڙي برائي آهي جيڪا سڄو سال غافل رهڻ ڪري اختيار ڪرڻي پوندي آهي ۽ اهو عين ممڪن آهي ته اوهان امتحان هال ۾ سڀني جي سامهون ڪاپي ڪندي پڪڙجي پئو. ڪيڏي نه بي عزتي جي ڳالهه آهي. ڪاپي، چاهي امتحان ۾ هجي يا ڪنهن ٻئي سلسلي ۾ اها اوهانجي صلاحيتن کي ڪمزور ڪندي آهي.

اوهان اهو مشهور محاورو ته ٻڌو هوند ته نقل لاءِ به عقل جي ضرورت هوندي آهي. ڪيترو نه چڱو ٿئي جو اوهان اهو عقل نقل لاءِ نه پر سڀني مفيد ڪمن لاءِ استعمال ڪريو نه ته نقل اوهانجي عقل کي گهٽائي ڇڏيندي.

امتحان جي رات شاگرد ڪتابن تي آخري زبردست حملو ڪندا آهن اوهان هرگز ائين نه ڪريو. مناسب وقت تائين پڙهو ۽ پوءِ چڱيءَ طرح ننڊ ڪريو نه ته ٿڪاوٽ سبب امتحان هال ۾ اوهانجي حالت خراب هوندي امتحان هال ۾ وڃڻ کان هڪ ڪلاڪ پهرين ڪورس جون ڪتابون بند ڪري ڇڏيو ۽ ياد ڪيل ڳالهيون ذهن ئي ذهن ۾ دهرايو. امتحان واري ڏينهن بلڪل نه گهبرايو. مطمئن حاضر دماغ ۽ خوش رهڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجي پاڻ تي اعتماد ڪريو پيپر تقسيم ٿيڻ کانپوءِ ان کي آرام سان پڙهو. تڪڙ نه ڪريو. جيڪي سوال سولا لڳن انهن کي ٽڪ مارڪ ڪريو. ڏنل هدايتن تي عمل ڪريو.

جيڪو سوال سڀني کان آسان لڳي اهو حل ڪريو. گهڻي تفصيل ۾ نه پئو ۽ گهڻو مختصر به نه ڪريو جيڪڏهن اوهان جي پهرين سوال جو جواب سٺو هوندو ته پيپر چيڪ ڪرڻ واري تي ان جو سٺو اثر پوندو. جواب لکندي مختلف عنوان ٻي ڪنهن رنگين پين سان لکو.جواب کي مختلف پيراگرافن ۾ تقسيم ڪريو.

امتحان ڏيڻ دوران وقت جو خاص خيال رکو ائين نه ٿئي جو هڪ سوال تي ته اوهان پورو ڪلاڪ لايو ۽ پوءِ ٻين سوالن کي هڻ وٺ ڪري پورو ڪريو.

آخري ڳالهه اها ته امتحان ۾ پوري محنت ۽ سرگرمي کانپوءِ الله تعاليٰ جي حضور ۾ دعا گهرو ته اوهان کي ڪامياب ۽ ڪامران ڪري. ۽ گڏوگڏ آخرت جي امتحان جي به تياري ڪندا رهو. جنهنجو نتيجو قيامت ڏينهن سامهون ايندو.

غلام قادر سيال

شرارت کان توبهہ

سڪندر ۽ ڪامران ٻئي هڪ ٻئي جا گهاٽا دوست هوندا هئا. نہ رڳو پاڻ ۾ دوست هوندا هئا پر پاڻ ۾ سڳا سؤٽ بہ هئا. سڪندر هڪ هوشيار محنتي ۽ ذهين ڇوڪرو هو. جڏهن تہ ڪامران ضدي، سست ۽ شرارتي ڇوڪرو هو، گهر جا سڀ ماڻهو سڪندرکي پيائيندا هئا ۽ ڪامران جي شرارتن مان هرڪو گهر جو ڀاتي تنگ هو خاص ڪري سندس ڏاڏي جنت کي ڪامران سان گهڻي شڪايت هوندي هئي گهر ۾ وڏڙي هئڻ ڪري سڀ ڏاڏي جنت جي عزت ڪندا هئا ۽ سندس هر چيو مڃيندا هئا.پر ڪامران ڏاڏي جي ڪنهن بہ ڳالهہ جو اثر نہ وٺندو هو. ڏاڏي جنت ڪا نصيحت ڪندي هئس تہ ان کي مذاق سمجهي ٽاري ڇڏيندو هو ڏاڏي جنت چوندي هئس تہ ابا ائين اجايو رلڻ ڇڏي ڏي محنت ڪر ۽ سستي ڇڏ. ڪو ٻوٽو پار تہ ڪامران يڪدم ڊوڙي باغ مان ٻوٽي پٽي ايندو هو ۽ پوءِ ان کي باهہ ڏيڻ لڳندو هوءِ جڏهن گهر وارا پڇندا هئس تہ ڪامرو ڇا ٿوڪرين تہ هڪدم چوندو هو تہ هينئر ڏاڏيءَ جو چيو تہ ڪو ٻوٽو پار ان چوڻ تي عمل ٿو ڪريان نہ تہ ڏاڏي چوندي ڪامرو ٻڌي ئي ڪونہ ٿو. ڪامران جي هڪ خراب ڳالهہ بہ هوندي هئي جو هو بي زبان جانورن کي ڏاڍو ستائيندو هو ۽ جڏهن ڏاڏي چوندي هئس تہ ابا بي زبان جانورن کي ڇالاءِ ٿو ايذاءِ رسائين بي زبان جانورن جون دانهون عرش تي پهچن ٿيون. متان الله پاڪ ناراض ٿي پوئي تہ ڪامران ٺهڪ ڏئي چوندو هو تہ ڏاڏي اسان جون دانهون ڪڏ تي ئي ڪونہ ٿيون رسن ڪٿي، پلن جون انهون عرش تي وري ڪيئن پهچنديون. مطلب تہ گهر جو هر فرد هن جي شرارتن کان تنگ هو. هڪ ڏينهن اسڪول مان موٽيندي ڪامران، سڪندر کي چيو تہ هل تہ هلي ڏاڏي جنت لاءِ ناس وٺي اچون. ويچارو سڪندر ابوجهہ خبر ڪانہ هيس تہ ڪو هن ۾ بہ ڪامران جي ڪا شرارت لڪل آهي سو هو بہ هن ساڻ دڪان تي هلي آيو ۽ ناس ورتائين ٿورو پند اڳتي هلي ڪامران چيس تہ يار تون هي چار آنا وٺ ۽ ڪنمنڙو وٺي اچ سڪندر هليو ويو ۽ ڪامران ڇا ڪيو جو ڪيسي مان مرچ ڪڍي جيڪو گهر مان صبح جو آندل هو ناس ۾ ملايائين ۽ پوءِ سڪندر آيو تہ ٻئي گڏجي گهر هليا آيا. گهر پهچڻ شرط ناس

ڏاڏي کي ڏٺي ڪامران دوست سان ملڻ جو بهانو ڪري ٻاهر نڪري ويو. هوڏانهن ڏاڏي جنت جيئن ئي ناس جو چپٽ پري ڏي تہ نجون ڏٺي اڏ مٿي تي پئي پوءِ گهر جا ماڻهو ڳڏ ٿيا سيني ڪي ڪيس سنڀاليو سڪندر ڊوڙي ٻاٽي پري آيو.

پر ڏاڏي ويچاري تہ هيٺي ئي ڪٽ تي ٻهجي وئي. جڏهن ڪامران گهر آيو تہ معاملو اسو ڏسي پريشان ٿي ويو ۽ پوءِ روئي ڏاڏي کان ۽ گهر جي هر ڀاتي کان معافي گهريائين ۽ هميشہ لاءِ شرارت کان توبهہ ڪيائين.

اسلامي معلومات

- حضور جن جي ڪنيت ابوالقادر هئي پر حضرت جبرئيل سندس ڪنيت ابوابراهيم رکي جو جو سندن شڪل مبارڪ حضرت ابراهيم سان ملندي هئي.
- حضور جن جي ناني جو نالو(بره) هو ۽ ان جو تعلق مديني جي بني زهرا قبلي سان هو.
- حضور جن سڄي زندگي ۾ صرف هڪ شخص جنگ احد ۾ ماريو هو ان جو ناو ابي بن خلف هو.
- ذالنون حضرت يونس عليہ السلام جو لقب هو.
- مسجد الخيف وادي منيٰ ۾ آهي ان ۾ ستر انبياء ڪرام مدفون آهن.
- حضرت نوح عذاب سيڏهن ڪان پوءِ زمين جي خشڪي جي خبر وٺڻ لاءِ ڪبوتر کي موڪليو هو.
- حضرت نوح جي ٻيڙي ڪاٺي جي ناميل هئي جيڪي ٦ ڪلوميٽر ڊگهي هئي ان جو نالو ارد هو جيڪا جوي جبل تي آهي.
- حضرت يوسف عليہ السلام ننڍپڻ ۾ پيغمبري جو خواب ڏٺو هو.
- قرآن مجيد ملائڪة المقربين جبرائيل ۽ ميڪائيل ملائڪن کي سڏيو ويو آهي.
- قرآن مجيد ۾ مڪة المڪرمہ کي بڪہ ۽ بوادي غيرذني الزرع سڏيو ويو آهي.
- حضرت ابوبڪر صديق جو اصلي نالو عبالله هو ۽ حضور جن سندس لقب عتيق من النار رکيو هو.
- حضرت صهيب رومي صرف ٣ ڏينهن حضرت عمر رح جن کان پوءِ قائم مقام خليفو هو.
- حضرت سلمان فارسي رضہ جو اصل نالو مابہ بن جزخشان هو
- ڪنهن بہ پيغمبر جو جنازلو نہ پڙهيو ويو جوجو پيغمبر جو جنازه معاف آهي ۽ حضورت جن جي بہ جنازه نماز نہ پڙهي وئي هئي.
- حضرت عائشہ جو لقب (حمره) هو.

علي گل ٻالهي جانجهي

ڪشمير جو هڪ سچو داستان

ڪشمير جي تحريڪ آزادي جي ڪجهه بهادر سپاهين کي زنده لڙڪائي انهن جون کلون لاٿيون ويون.

اڄ منهنجي سامهون اهو وڻ آهي جنهن تي اڄ کان هڪ سؤ پنجتيهه سال اڳ ۳۱ اپريل جي ڏينهن ڪشمير جي تحريڪ آزادي جي سپاهين کي لڙڪائي انهن جون کلون لاٿيون ويون هيون. گلاب سنگهه ۽ ان جو پٽ اتي بيٺي اهو منظر ڏسي رهيا هيا. گلاب سنگهه جو پٽ اهو منظر ڏسي نه سگهيو ان جي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا ۽ ان پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيو گلاب سنگهه چيو، پٽ اگر تون باغين جي بغاوت جي جرم ۾ ملڻ واري سزا کي ڏسي نه ٿو سگهين ته تون پوءِ ڪشمير تي حڪومت ڪري نه سگهندين.

اپريل جو مهينو اسان کي انهن شهيدن جي ياد ڏياريندو آهي، جن خون ۾ رنگيل ان تحريڪ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو هو شايد ماڻهو حيران هجن ته واقعي ڪوئي انسان ايترو ظلم ڪري سگهي ٿو اهو وڻ تمام وڏي عمر جو ٿي چڪو آهي. مگر اڄ به سنگ ۾ سنبيل گلاب سنگهه جي ظلم ۽ جبر جي ياد ڏياريندو آهي. ان زماني ۾ گلاب سنگهه ڪشمير ۾ تمام سخت قانون نافذ ڪيا هئا.چلهي تي ٽيڪس گهر تي ٽيڪس، ايتري قدر جو زال تي ٽيڪس رکي ويئي هئي منگ ۾ رهڻ وارن ٽن شخصن ان ظالمانه قانون کي تسليم نه ڪيو اهي ٽئي ۱۸ ۽ ۲۰ سالن جا نوجوان هئا انهن منگ ۾ ظلم جي خلاف بيداري جي تحريڪ شروع ڪئي، انهن ماڻهن کي ٻڌايو ته جيڪي اسان تي ٽيڪس عائد ڪئي وئي آهي اهو ظلم آهي ان لاءِ ضروري آهي ته سڀ ماڻهو ملي ڪري انهن حڪمرانن جي خلاف جدوجهد ڪن.

انهن نوجوانن جا نالا، شمس خان، سبز علي خان، ملي خان هئا. آخرڪار اهي باغيانه ڳالهيون حڪومت تائين پهتيون حڪمرانن انهن نوجوانن کي لالچ

ڏني تہ اسان توهان کي انهن علائقن جا سربراهہ بڻائنداسين ۽ حڪومت ۾ توهان کي وڏن وڏن عهدن تي فائز ڪنداسين مگر انهن جي دلين ۾ شهادت جي موت ۽ سعادت جي زندگي جي آرزو هڪ قدآور وڻ جي صورت اختيار ڪري ويئي هئي.

سو انهن نوجوانن گلاب سنگهہ جي سيني لاچن کي لڪرايو ۽ علم بغاوت بلند ڪيو. جونڌا آهن تہ علائقي جي سيني مسلمانن جون همدرديون انهن نوجوانن سان هيون مگر ماڻهو اينترا تہ خوفزده هئا جو حڪومت جي خلاف بغاوت جو تصور بہ نہ پيا ڪري سگهن مگر اهي نوجوان پنهنجون تلوارون ۽ رائفلون کڻي جبلن جي طرف هلا ويا ۽ سردين جو سچو وقت گلاب سنگهہ جي فوج سان وڙهندا رهيا انهن جي هٿان گلاب سگهہ جون ڪئي حفاظتي چوڪيون تباهہ ٿي ويون ۽ ڪئي ظالم جهنم رسيد ٿي ويا آخر گلاب سنگهہ جي حوارين انهن ٽن نوجوانن جي گهر وارن ۽ مائٽن کي گرفتار ڪيو ۽ انهن تي اينترو تہ تشدد ڪيو جو شمس خان جي ڪرائي ماءُ ان تشدد جو تاءُ نہ سهي سگهي ۽ شهيد ٿي وئي ۽ جونڌا آهن تہ اها ڪشمير جي پهرين شهيد عورت هئي. ظلم ۽ تشدد جي ڪري سبز علي خان جو پيءُ پنهنجا حواس وڃائي ويٺو ان جي باجود اهي مجاهد پنهنجي جنگ جاري رکندا آيا مگر صبر ڪن تہ ڪيترو ڪن. جڏهن صبر جو دامن هٿ کان ڇڏائجي ويو تہ انهن پنڌري ٿاڻي تي جتي هنن جا والدين قيد هيا اتي حملو ڪري ڏنائون ۽ ٿاڻي جي انسپيڪٽر گنہ سنگهہ کان علاوه ڪيترن ئي سپاهين کي قتل ۽ زخمي ڪري وڌو. آخر ڪار انهن مجاهدن کي گهيري ۾ آندو ويو ۽ اهين سرفروش گرفتار ٿي ويا. ۽ شهادت جي موت کي سيني سان لڳائي تاريخ ۾ هميشہ امر ٿي ويا.

خطرناڪ غلطيون

* آزمايل کي آزمائڻ ۽ هر هڪ شيرين زبان کي دوست سمجهڻ
* پنهنجو راز ڪنهن ٻي کي ٻڌائي . انهي کي لڪائڻ جي درخواست ڪرڻ
* پنهنجي والدين جي خدمت نہ ڪرڻ ۽ پنهنجي اولاد مان خدمت جي اميد رکڻ
* پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ عقلمند ۽ هوشيار سمجهڻ
* ٻين جو موت ڏسي پاڻ کي انهي کان آزاد سمجهڻ
* ٻين جي تڪليف ۾ شريڪ نہ ٿيڻ ۽ انهن مان همدردي جي اميد رکڻ.

علم ڇا آهي؟ اهو سوال هر هڪ جي ذهن ۾ ابرندو هوندو. آءُ اوهان کي ٻڌايان ته علم ڇا آهي؟ علم جي لغوي معني ڄاڻ آهي، ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ڄاڻڻ يا ڪا شيءِ سکڻ علم چورائيندو آهي. حضرت سعدي رحمة الله عليه جي چوڻ مطابق ته "بنا علم جي انسان الله تعاليٰ کي به نٿو سڃاڻي سگهي" انهي جي اهميت انهيءَ ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿي ته اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته" علم حاصل ڪريو توڙي جو اوهان کي چين وڃڻو پوي." علم هڪ وڏي دولت آهي علم هڪ اهڙو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن به ختم نه ٿو ٿئي. علم عقل ۽ سمجهه ۾ واڌارو آڻي اسان جي ذهن جي تربيت ڪري ٿو. جڏهن شاگرد درسگاهه ۾ پڙهڻ لاءِ وڃي ٿو ۽ علم حاصل ڪري ٿو ته ڪيس نئين نئين معلومات حاصل ٿيندي اٿس. اهو سندس عمر جو اهم حصو هوندو آهي ڇو ته انهيءَ زماني ۾ سندس ذهني اوسر جو بنياد پئي ٿو. اگر اها پيڙهه مند ڪان ٿي رکي وڃي ته يقين سان



چئي سگهجي ٿو ته اڳتي هلي اهو هڪ سٺو شهري بڻجي سگهي ٿو. علم هڪ اهڙو سمنڊ آهي جنهن کي باوجود هزار ڪوشش جي سڄي جو سڄو حاصل ڪري نه ٿو سگهجي. علم جي اڄ بجاءِ اجهامڻ جي اجان وڌندي آهي. انهيءَ باري ۾ نيوٽن چيو آهي ته:

"علم هڪ سمنڊ آهي جنهن جو ترو انيڪ موتين سان ڀريو پيو آهي. ۽ مان هڪ ننڍڙي ٻار وانگر انجي ڪناري تان پٿريون چونڊي رهيو آهيان"

يعني هڪ مشهور سائنسدان جي انهي قول مان ظاهر ٿئي ٿو ته علم جي سمنڊ جي ڪشادگي تمام گهڻي آهي. علم جي بغير انسان هڪ خالي ڪاغذ جي مثال آهي جنهن کي ناهيو ته ويو هجي پر استعمال نه ڪيو ويو هجي.

پاڻ ڪريم رسول الله صلي الله عليه وسلم جن علم حاصل ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي سندن فرمان آهي.

"علم هڪ اهڙو ڪڪر آهي جنهن منجهان رحمت وسندي آهي"

"جيڪو شخص علم جي ڳولا ۾ نڪتو اهو پنهنجي واپسيءَ تائين جڻڪ الله جي راهه تي هو."

قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي.

رَبِّ زِدنِي عِلماً: اي منهنجا رب

منهنجي علم ۾ واڌارو ڪر.

جيڪڏهن انسان کي ڪو ٻي ٻولو بتر ڪي ڏنو وڃي ته [illegible] هو نه وٺندو ۽ ٿلهو [illegible] جيڪڏهن [illegible] کي [illegible] هوندو [illegible] خوبصورت [illegible] انسان کي [illegible] واري [illegible] ڪري [illegible] ڪيو [illegible] ڪيڏو) [illegible] ٻيڪو [illegible] ڇڏي ٿو.

[illegible]

[illegible] اهي [illegible] جي حفاظت ڪندو آهي ۽ مال جي حفاظت توهان کي ڪرڻي [illegible]"

[illegible]

"[illegible] جي [illegible] جي روشني [illegible] ۾ [illegible]

حضرت عمر بن عبدالعزيز رحه

"علم جيڪڏهن سڀني ۾ ٻڌو ٿي وڃي ته [illegible] ٿي وڃڻو آهي. يعني علم حاصل ڪري [illegible] کي سيکارڻ کان نه ڪيٻائجي [illegible] کي سيکاريو."

[illegible]

"[illegible] کان اڳ [illegible] ته موت کي [illegible]"

سچي ڪهاڻي

محنت جو ڦل

عبدالعزيز منير

جيئن ئي امتحان جي فارم ڀرجڻ جي تاريخ ويجهو ايندي پئي وئي تيئن گلاب جو ننڍڙو ذهن پريشان ٿيندو پئي ويو ۽ ويٺو سوچيندو هو. سڄو سال هن جي اکين اڳيان ڦري آيو. ايتري محنت صرف ڏوڪڙن ڪان زيان پئي ٿي جو ته جيڪڏهن فارم نه ڀرجي سگهيو ته سڄي سال جي محنت بيڪار ٿي ويندي. چاڪيان!

پنهنجي سوچن ۾ ٻاهرائين لڳو. هو معصوم ٻار هو. گلاب يتيم ڇوڪرو هو. ماءُ جي مزدوري مان گهر جو خرچ مشڪل سان هلندو هو اڄ جيڪڏهن پئسا [illegible] اڄ استاد [illegible] فارم جا پئسا ايڏا ڪٿان تو [illegible] بيهي رهيو امتحان جا [illegible] وڏي مهل ائين لڳس ڄڻ اکين ۾ [illegible] اکين اڳيان بيهي رهيا هئس [illegible] ڪجهه نڪس [illegible] مزور نظارن [illegible] رهيا هئا [illegible] ۾ به آس جاڳي پئي. مايوس [illegible] ۾ ڪارو [illegible] پنجي ويس. [illegible] سوچي هو ڪم تي لڳي ويو. [illegible] ذاتهن وٽ [illegible] تڏهن پنهنجي [illegible] خوشي ۾ مرڪڻ لڳس. پئسن ڪي [illegible] ذاتهن آيو [illegible] خوشي ۾ اوڏي مهل تڪ لهي ويس [illegible] ڏس امڙ [illegible] مون پنهنجي محنت سان ڪمايا آهن. امان او امان [illegible] هاڻي امتحان ۾ ويهي سگهندم هو يڪساهي ۾ سڀ ڪجهه چئي ويو. ماءُ ڏوڪڙ وٺي، هن جي مٿي ۾ تڦيل هٿن کي چمڻ لڳي اوڏي مهل اکين جوريا آتلي

پيس، پوءِ گلاب ڏهاڙي ڪم تي وڃڻ لڳو. ايستائين وڃڻ لڳو جيستائين هن فارم جا پئسا پورا ڪيا. اڄ ڪيس اندر جي اڻ تڻ جهڪي محسو ٿيس. رات جو هڙئي سڌا پيا هئا پر هن ڪي ته اڄ خوشي مان ننڊ نه پئي آئي. صبح ٿيڻ جو اوسيئڙ هئس. صبح ساجهر اڪيون مهتي اٿيو. بدن ۾ تمام گهڻو سور ءِلڳ ڪوسا لڳيس پر هو تڙ تڪڙ ۾ منهن ڌوئي، ماني ڪائڻ ڪانسواءِ ئي اسڪول روانو ٿي ويو ڏڪندڙ هٿن سان استاد کي پئسا ڏنائين استاد ڪسن حيرت سان ڏسڻ لڳو. بخار تمام تيزهئس، پر چپن تي هلڪي مرڪ هيس جو ته هن سڄي سال جي محنت کي پنهنجي محنت سان زيان ٿيڻ کان بچائي ورتو هو.

ڊائري جا ورق

هن دنيا هر انسان کي زندگي جي سفر ۾ قدم به قدم سهارن جي ضرورت هوندي آهي. سهارن ڪانسواءِ انسان جي زندگي سمنڊ ۾ لڙهندڙ سڪل ڪاغذ جي ٻيڙي جيان بڻجي ويندي آهي. ها ائين زندگي جي سفر ۾ آئون به توکي هڪ سهارو سمجهندو آهيان. ها جڏهن کان توسان ملاقات ٿي هئي. توسان ملاقات به اتفاقي طور تي هئي تو پنهنجي ڀرپور ملاقات ۾ مون کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري ورتو.

ها جڏهن منهنجي توسان ٻهريون دفعو ملاقات ٿي هئي ان وقت تنهنجو پنجون سفر پڄاڻي تي پهچي چڪو هو. تو مون کي پنهنجي پنجين سفر ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌايو هو. تنهنجون اهي ڳالهيون جڪي تنهنجي پنجين سفر ۾ هنيون، مون کي تمام گهڻيون وڻيون ۽ پوءِ جو ته منهنجون ڇهون سفر جاري آهي. انشالله تعالي وري ملنداسون. پوءِ مون تنهنجي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ ۽ تنهنجي چاهت ۾ هي سڄي دنيا وساري ڇڏي.

جو ته تنهنجون ڳالهيون نصيحت ڀريون ڳالهيون آهن تنهنجو پيغام سڌ ۽ سنئين رستي تي هلڻ جو پيغام آهي.

۽ هاڻ جڏهن به تون ملندو آهين ته منهنجي دل خزان مان بهار بڻجي ويندي آهي. ۽ ها جڏهن به تون پنهنجو نئون سفر مڪمل ڪري سڻيون ڳالهيون کڻي مون وٽ ايندو آهي ته

اي منهنجا سهڻا" ساٿي" تنهنجن انهن خوبرت ڳالهين لفظن ۽ جملن کي خوبصورت لفظن ۾ ويس پهرائڻ وارو مون وٽ قلم ئي نه آهي ۽ نه ئي لفظ آهن، جو آئون توک بهتر کان بهتر سنهري لفظن ۾ بيان ڪري سگهان ها سهڻا" ساٿي.

عمر وڃائي ڇڏيئي


سعد المولا

پيارا ٻارو! ڳالهه ڪندا آهن تہ هڪ عالم شخص هڪ دفعو ٻيڙي ۾ مسافر ٿيو. عالم ماڻهو وقت گذارڻ لاءِ ملاح سان دنيا جون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون. ملاح کي عالم چيو اي ملاح تو ڪڏهن علم سکيو آهي يا سکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي.

ملاح جواب ڏنو سائين مون کي ڪهڙي خبر علم جي تہ علم ڇا آهي؟ اهو جواب ٻڌي ڪري عالم شخص چيو تہ علم ناهي سکيو ان جو مطلب تہ ”تون پنهنجي اڌ عمر وڃائي ڇڏي.“

ملاح وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو ڪٿي چپ ڪيائين

جڏهن ٻيڙي پنهنجي منزل ماڻيندي اڃا وچ تي پهتي تہ طوفان اچي ويو ۽ ٻيڙي هيڏي هوڏي آسيري پاسيري ٿيڻ لڳي تہ ملاح هڪل ڪندي اعلان ڪيو تہ ٻيڙيءَ مان لهي وڃون ۽ تري ڪري پار ٿيو پنهنجي جان بچايو. ٻيا سمورا مسافر لهي ويا عالم شخص کان ملاح پڇيو تہ سائين توهان کي ترڻ ايندو آهي؟ عالم وراڻيو تہ نہ! مان سڄي عمر علم حاصل ڪرڻ ۾ گذاري آهي مون



کي ڪهڙي خبر ترڻ جي. ان تي ملاح چيو تہ” تون تہ سڄي وڃائي ڇڏي هاڻ جان ڪيئن بچائيندي.“

ساٿيو ان مان ظاهر آهي تہ علم بہ ضروري آهي پر هنر بہ وقت تي جان بچائي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري تہ چوندا آهن تہ ٽي شيون ننڍي هوندي کان حاصل نہ ٿيون تہ پوءِ ڪڏهن بہ ان کي حاصل نہ ڪري سگهندو. اهي آهن تيراندازي، گهوڙي سواري ،پاڻي ۾ ترڻ پيارا ساٿيون ائين بہ نہ ٿئي تہ اسان پڙهڻ ڇڏي پاڻي ۾ رڳو ترون، اهو ٿورو خيال رکجو! نيڪ آ نہ !!

ڪوشش

نثار احمد ڏاهر

ڪنهن ڳوٺ ۾ جمشيد نالي هڪ ڇوڪرو رهندو هو. هو تمام ذهين بااخلاق هوندو هو هن کي تعلم سان ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي، هن کي ڪهاڻين ۽ اسلامي ڳالهين پڙهڻ ۽ سکڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هن اسلام جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ اسلام جي باري ۾ ڪتريون ئي

بادشاهه جو انصاف

[illegible]

اول [illegible] مشهور بادشاهه ٿي گذريو

آهي [illegible] انصاف جي [illegible]

[illegible]

قاضي [illegible]

[illegible]

قاضي هن [illegible]

بيشڪ ڪيو هن [illegible] جيو ته اسان

۲۰۰ [illegible]

[illegible]

وارا ماڻهو بيگناهه ماڻهن کي قتل ڪري

۽ ڏاڍو [illegible] منهنجو فيصلو هي آهي

ته جان جي بدلي جان ٿي ورتي وڃي.

انهي فيصلي سان بادشاهه ج [illegible] جو گهر [illegible] بادشاهه انصاف جي [illegible] بادشاهه حڪم [illegible] گناهه تي هن [illegible]

[illegible] باقي [illegible] حاڪم [illegible] دشمن [illegible] جو گرفتار ڪرايو آهي؟

هن جيئن ... سائين توهان جي شان ۾ هن جون گستاخيون حد کان وڌي ويون هيون."

خواجه صاحب چيو " ادا اٺو ڇا ته مونهنجي شان جا جيڪر ڪجهه هو مونکي چوندو هو اٺون ته انهي ڳالهه وڌيڪ ڪهڪر آهيان."

مرزا عرض ڪيو: سائين هي شخص تمام خراب ۽ برو آهي.

خواجه صاحب چيو " ادا ٺيڪ سائين آهي ته توکي ڇا سائينءَ ... نظر ته اچي پر مونکي ... ڪان وڌيڪ ... نظر نه ٿو اچي."

[illegible]

چالاڪ مصور

خالد احمد

مشهور مهراجه رنجيت سنگهه ننڍپڻ کان ئي هڪ اک کان ڪاڻو هو.

هڪ ڀيري مهراجه پنهنجي حسين و ممتاز تصوير ناهڻ لاءِ ٿيو ۽ جيئن ته حڪمران تصوير مون کي نه وڻي ته مصور کي قتل ڪيو ويندو.

مصور ڪيترين ئي تصويرون ناهيون پر مهراجه جي ڪاڻي هجڻ جي ڪري تصويرون خراب ٿيون ليڪن آخرڪار مصور هڪ اهڙي تصوير ناهي جنهن کي جيڪو به ڏسي ٿيو واهه واهه ڪندو هجڻ بادشاهه تصوير ڏسي ته مهراجه کي به ڏاڍي وڻي.

انهيءَ خوشيءَ ۾ مهراجه جشن ملهايو ۽ مصور کي مالا مال ڪري ڇڏيائين. دراصل تصوير ڪجهه ائين هئي جو مهراجه رنجيت سنگهه تير ڪمان سان شڪار ڪرڻ جو نشانو وٺي رهيو هيو. جنهن ڪري مهراجه پنهنجي ڪاڻي اک بند ڪري نشانو وٺي رهيو هيو.

اهڙي طرح مصور پنهنجي قيمتي جان به بچائي ۽ انعام واڪرام سان مالامال ٿي ويو ۽ مهراجه جي دل ۾ جڳهه به ٺاهي ورتائين.

عبرت انگيز قرباني

بنو اميه جي حڪومت جي زماني ۾ "ڪوفي" شهر ۾ ابراهيم بن يزيد تيمي رح نالي هڪ ٻاجهي رهندو هو جو تمام پرهيزگار بزرگ هو جڏهن نماز پڙهندو هو ته هن جو ڌيان صرف الله تعاليٰ ڏانهن هوندو هو ۽ دنيا جي هر شيءِ کان غافل ٿي ويندو هو ايستائين

جو سجدي جي حالت ۾ جهرڪيون اچي هن جي پٺيءَ تي وهنديون هيون.

ڪوفي ۾ ٿي هڪ ٻيو شخص ابراهيم بن يزيد نخعي رح سندس نالي ڀائي هو. اهو به تابعي ۽ حديث ۽ فقه جو وڏو عالم هو ڪوفي ۽ بصري جو گورنر حجاج بن يوسف ثقفي ابراهيم بن يزيد نخعي رح جو تمام سخت دشمن هو. جو جو هو ظالمن کي برو چوندو هو ۽ حجاج کي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ کان روڪيندو هو. هڪ دفعي حجاج حڪم ڏنو ته ابراهيم بن يزيد نخعي رح کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو وڃي. حجاج جا سپاهي هن جي ڳولا ۾ نڪري پيا هو ابراهيم بن يزيد نخعي جي ڳولا ڪري رهيا هئا ته انهن کي ابراهيم بن يزيد تميمي رح مليو جڏهن هن کي خبر پئي ته سپاهي اباهيم بن يزيد نخعي کي پيا ڳولهين ته هو سمجهي ويو ته حجاج هن کي مارائڻ چاهي ٿو هن پنهنجي تابعي ڀاءُ جي جان بچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ فوراً اڳتي وڌي سپاهين کي چيائين ته ”منهنجو نالو ابراهيم بن يزيد آهي.“

سپاهي نه هن کي سڃاڻيندا هئا نه ابراهيم بن يزيد نخع رح کي هنن ڪيس ئي ابراهيم يزيد نخعي رح سمجهيو ۽ گرفتار ڪري زنجيرون پارائي ”ديماس“ جي قيدخاني ۾ وجهي ڇڏيائونس. هي قيد خانو اهڙن مجرمن لاءِ ٺهرايو ويو هو جيڪي وڏا وڏا جرم ڪندا هئا. هن ۾ گرمي، اُس ۽ سيءَ کان بچاءَ جو ڪو انتظام ڪونه هو. ٿوري ئي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ حضرت ابراهيم بن يزيد تميمي رح سڪ ڪنڊو ٿي ويو. سندس رنگ روپ اهڙو ته متجي ويو جو سندس ڀاءُ به کيس نه سڃاڻي سگهي. پر هو وڏي حوصلي ۽ صبر سان تمام تڪليف کي برداشت ڪندو رهيو ۽ هڪ ڀيرو به نه چيائين ته آءٌ اهو ابراهيم بن يزيد نه آهيان جنهن جي حجاج کي ڳولا آهي. ٿوري وقت کان پوءِ انهي قيدخاني ۾ سختيون ۽ تڪليفون برداشت ڪندي فوت ٿي ويو اهڙي طرح هن پنهنجي تابعي ڀاءُ حضرت ابراهيم بن يزيد نخعي رح کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي.

رحمدل

اصلاح الدين نظاماڻي

سچل هڪ ذهين اسڪول وڃي رهو هو رستي ۾ هن ڏٺو ته ڪجهه ڇوڪرا ڪتي جي ننڍڙي گلر کي پٿر هڻي رهيا آهن ۽ اهو ويچارو رڙيون ڪري رهيو آهي. سچل انهن ڇوڪرن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو پر اهي انهو سچل کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا

اهي ڇوڪرا ڪنهن نابين يا ڪنهن معذور ماڻهو کي ڏسندا هئا ته ان تي به ٺٺوليون ڪندا هئا.

اهي مسلسل گلر کي ٻتر هڻي رهيا هئا ايستائين جو ويچارو گلر بيهوش ٿي ڪري پيو سڄل کي اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هن اڳتي وڌي گلر کي کڻي گهر آيو.

"تون اسڪول مان واپس اچي وئين" هن جي پيءُ هن کان پڇيو پر سڄل خاموش رهيو پڻس ڏٺو ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. پڻس هن کي پيار مان چيو." پٽ خير ته آهي."

سڄل هن کي پورو قصو ٻڌايو." خبر ناهي ماڻهو ٻين کي ڏک ڇو ٿا ڏين." اهو چئي هن گلر کي زمين تي رکيو ۽ پوءِ دوا کڻي هن جي زخمن کي صاف ڪيو ٿورڙي دير کان پوءِ گلر هوش ۾ آيو ته سڄل هن کي ٽپير آڻي پياريو ۽ ڪجهه ڏينهن رکڻ کانپوءِ هن گلر کي ڇڏي ڏنو.

پيارا ساٿيو! اوهان به سڄل وانگر رحمدل بڻجو.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته جيڪو منهنجي مخلوق تي رحم ڪندو آهي آئون ان تي رحم ڪندو آهيان جيڪو انهن کي ڏک ڏيندو آهي اهو مونکي تڪليف ڏيندو آهي. رحمدل جي دعا الله تعاليٰ جلدي قبول ڪندو آهي ان ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن کي به ڏک نه ڏيون.

معصوم خواهش

امتياز سومرو

سڄي چوڪ تي مان صرف ساجد کي ويڳاڙڻ وانگر بيٺي ڏٺوءِ باقي سڀ ننڍڙا ٿوڙي وڏا عيد جي تياري ڪري رهيا هئا ڪو بوٽ پيو خريد ڪري ته ڪو ڪپڙا. ڇاڪاڻ ته اڄ ٢٦ روزو هيو.

ساجد منهنجو گهاٽو دوست هيو ۽ منهنجو ڪلاس فيلو پڻ. جڏهن اسان ستين جماعت ۾ هئاسين ته ساجد جو پيءُ جيڪو شهر ۾ انب وڪڻندو هو جيئن ئي گهر کان ريڙهي تي انب رکي شهر اچي رهيو هو ته چوڪ تي پهچڻ سان اوچتو پٺيان ڪنهن ٽرڪ واري ٽڪر هنيس ۽ هو اتي ڪري پيو ۽ اهو ٽرڪ وارو اتان ائين غائب ٿي ويو ڄڻ ته اهو اتي آيو ئي ڪونه هيو. ساجد جي پيءُ کي ماڻهن اسپتال پهچايو ته سهي پر ڊاڪٽر ساجد کي پيءُ جي آپريشن لاءِ چيو ۽ پنج هزار گهريا پر ساجد وٽ پنج هزار ڪٿان اچن! ساجد جو پيءُ جيڪو ڪمائيندو هو سو ته گهر ۾ پورو ٿي ويندو هيو.

ساجد ڊاڪٽر کي منٿون ڪندو رهيو پر ڊاڪٽر اهڙا ڪٿي جو ساجد جي پيءُ جي آپريشن مفت ۾ ڪن ها. ساجد ڊاڪٽرن کي منٿون ڪندو رهيو پر ڊاڪٽرن کي رحم نه آيو ۽ آخر

ساجد جو پيءُ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ ٻه ڪلاڪ تڙپندو رهيو ۽ پوءِ ڪلاڪن کانپوءِ زندگي کان آزاد ٿي ويو. ۽ ساجد روئندو رهيو.

جڏهن ساجد جو پيءُ موت جي ور چڙهي ويو هو تڏهن کان ستين سال اهو سوچيو هو ته پيءُ کي ڊاڪٽر ڏيکاريندي ته جيئن هو لاچار ۽ بيوس ماڻهن جو مفت علاج ڪري. ۽ هو ها آس دل ۾ رکيو بازيون جا ڪيترا سپنا ڏسندي رهي. انهن ساجد مشترڪ ٻاس ڪٽي هاڻ هن جي ماءُ جي نصر سخت محنت ڪري ڪمزور ٿي وئي هئي انهن ڪري هاڻ هوءَ گهڻي محنت نه ڪري سگهندي هئي. انڪري هاڻ ساجد گهر جو خرچ هلائڻ لاءِ محنت مزدوري ڪرڻ لڳو.

۽ شام جو ڪتاب کڻي ويهي پڙهندو هو. انهن سخت محنت ڪري گهر جو خرچ پيو هلائيندو هو.

هيئنر عيد وجهي هئي ۽ هر گهر ۾ خوشي ۽ مهڪار مثل هئي انهي حالت ۾ ساجد کي ويگاڻو ڏسي آئون ويجهو ويومانس ۽ پڇيومانس.

"يار ساجد تون اتي ڇا سوچ ڪرين گذريل اڌ ڪلاڪ کان تون ٿي بيٺو آهين." ساجد ٿوري دير خاموش رهيو ۽ پوءِ چيائين."يار سوچان پيو الله سائين اسان غريبن کي هن دنيا ۾ ڇو پيدا ڪيو آهي ڇا خوشيون ملهائڻ اسان جو حق نه آهي."

پڇيومانس. خير ته آهي ايڏو مايوس ڇو آهين. پهرين ته تون ڪڏهن به مايوس ڪونه ٿيو هئين."

"يار چند ڏينهن کانپوءِ عيد آهي. هر گهر ۾ خوشيون ملهائينديون سڀئي يار سنا نوان ڪپڙا پائيندا پر يار منهنجي ننڍڙي ڀيڻ ساجده لاءِ نوان ڪپڙا ڪٿان آڻيان. هوءَ ڏاڍو روئي پئي. ضد پئي ڪري. ۽ يار آئون ڇا ڪريان. سخت محنت ڪرڻ کانپوءِ به پيسا ملن ٿا تنهن ۾ گهر جو خرچ ٿي مس ٿو هلي. مٿان وري ماءُ جي دوائن جو خرچ." ساجد مايوس ٿيندي ۾ چيو.

"ساجد تون ڳڻتي نه ڪرين ته هڪڙي ڳالهه چوان" مون چيو.

"ها چئو تون ته هن سڄي دنيا ۾ منهنجو سچو دوست آهين" هن چيو.

"جيئن ته آئون توکي اڌارا پيسا ڏيان ٿو ان مان تون ساجده کي نوان ڪپڙا وٺي ڏي" مون چيو.

"نه يار آئون غريب ته آهيان پر فقير نه آهيان جو خيرات وٺان." هن ڳالهه مان ڏکي ٿي چيو.

"خير تون ڀولي ته خيرات وٺ آئون ته قرض پيو ڏيان. جڏهن پيسا ٿين ته موٽائي ڇڏجان" مون چئومانس ساجد ڪجهه دير ڪجهه سوچيو ۽ مون کيسي مان پيسا ڪڍي هن کي ڏنا ۽ پوءِ هو مرڪي شڪرگذار نگاهن سان ڏسندي ڪپڙي جي دڪان ڏي وڃڻ لڳو.

مانگر مڇ

مانگر مڇ جو شمار دنيا جي چند خوفناڪ ترين جانورن ۾ ٿيندو آهي هي شڪاري جانورن جي نسل سان تعلق رکي ٿو. مانگر مڇ شينهن، چيتي ۽ نانگن کان وڌيڪ انسانن کي نقصان پهچايو آهي تقريباً هڪ هزار ماڻهو هر سال صرف آمريڪا ۾ هن جو شڪار بڻجن ٿا.

مانگر مڇ آفريڪا کنڊ جي ڏاکڻي ۽ وچولي علائقن کانسواءِ ايشيا جي گرم علائقن ۽ آسٽريلا جي ڪجهه علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ ملي ٿو. آمريڪا ۾ هاڻ هن جونسل ختم ٿيندو وڃي ٿو.

سانڊين جي چند قسمن کي ڇڏي هي واحد ريڙهيون پائيندڙ جانور آهي جيڪو تمام وڏو آواز ڪڍي سگهي ٿو. هن جو آواز گرجدار هوندو آهي ڄڻ ڪو وڏو ڊرم وڄايو پيو وڃي.

مانگر مڇ جي ڏندن جو نظام تمام حيرت انگيز آهي اگر هن جو ڪو ڏند ڪري پئي ته ٻيو ڏند فوراً نڪرڻ شروع ٿيندو آهي ۽ اهو سلسلو تاحيات جاري رهندو آهي. هي تقريباً هر شي کي کائي سگهي ٿو. هن جو هاضمو بي پناهه تيز هوندو آهي ان جو اندازو اوهان ان مان لڳائي سگهو ٿا ته ڇهه انچ اسٽيل جو ٽڪرو هو هڪ مهيني اندر هضم ڪريو وڃي. گهٽو ڪري هن کي گهٽي غذا جي ضرورت ڪانه پوندي آهي. هو تقريباً هڪ پائونڊ خوراڪ روز کائيندو آهي.

مانگر مڇ وٽ ٻه هلڪا هٿيار هوندا آهن. هڪ خطرناڪ جبڙا(وات) ۽ ٻيو انتهائي طاقتور پڇ. اگر هي پنهنجو پڇ ڪنهن وڏي هرڻ جي ٽنگن تي هڻي ته ان جو ٻئي ٽنگو ڀڄي پونديون ۽ اها ته اوهان کي خبر هوندي ته هرڻ جون ٽنگون تمام مضبوط هونديون آهن مانگر مڇ جي شڪار جو انداز منفرد هوندو آهي هي گهڻو ڪري اهڙي وقت حملو ڪندو آهي جڏهن ڇٽني پاسي اونداهي هجي هي گهڻو ڪري آهستي آهستي بنا آواز جي پنهنجي شڪار جي ويجهو ويندو آهي ۽

پوءِ هڪ وڏو ٽپ ڏئي شڪار کي پنهنجي جبڙي(وات) ۾ ڦاسائيندو آهي.

مانگر مڇ دنيا جي انهن چند جانورن منجهان آهي جيڪي ڄاڻي ٻجهي انسانن تي حملو ڪندا آهن. اهڙا تلاءُ جتي هي مڇيون سميت هوندا آهن آفريڪا ۾ ڏاڍا مقدس سمجهيا ويندا آهن.

تنزانيه جي هڪ قبيلي جي سردار اخبار وارن کي ٻڌايو صرف هڪ مهيني ۾ هن جي قبيلي جون پنج عورتون مانگر مڇ جو شڪار ٿيون آهن اخباري رپورٽر هن کي صلاح ڏني ته مانگر مڇ جي حملي کان بچڻ لاءِ هو هميشه هڪ وڏو بانس جو لڪڙو پاڻ وٽ رکن پر انهن ماڻهو ٻڌايو ته مانگر مڇ ايڏو خاموشي سان اينترو اوچتو حملو ڪندو آهي جو بچڻ جو ڪو موقعو ئي نه ملندو آهي.

مانگر مڇن جي اهڙن ئي ڪرتوتن جي ڪري هرڪو انهن کان نفرت ڪندو آهي. تنهنڪري ئي انهن جو نسل هاڻي آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي.

دلچسپ مقابلو

سڄي دنيا جي پوليس جي هڪ ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ پاڪستان جي پوليس کي به شرڪت جي دعوت ڏني وئي هئي هن ڪانفرنس جو مقصد هڪ مقابلو هو ۽ مقابلو ڪجهه ائين هو جو هڪڙي لومڙي کي جهنگ ۾ ڇڏيو ويو ته جيئن ڏٺو وڃي ته ڪهڙي ملڪ جي پوليس ڪيتري دير ۾ انهيءَ لومڙي کي پڪڙي ٿي. سعودي عرب جي پوليس هڪڙي ڪلڪ ۾ لومڙي کي جهلي آئي. اهڙي طرح ٻين ملڪن برطانيه، آمريڪا، مصر، چين جي پوليس به چند ڪلاڪن ۾ لومڙي کي پڪڙي ورتو. آخرڪار پاڪستان جي واري آئي ۽ ڏينهن گذري وڃن ٿا سڀئي ملڪ پريشان ٿي وڃن ٿا ته اڃان تائين پاڪستاني پوليس واپس ڪانه آئي ٽئي ڏينهن پاڪستاني پوليس جا چار پنج جوان هڪڙي" هاٿي" کي هڪليندا پيئي آيا ۽ هاٿي زور زور سان رڙيون ڪري رهيو هو ته "آئون لومڙي آهيان" "آئون لومڙي آهيان" آئون لومڙي آهيان.

ٻالڪ گيت

سومرو عبداللطيف اداسي

هاڻي ايري آءُ چندا ماما
هاڻي ايري، آءُ

تنهنجي ايرڻ سان ٿئي جڳ روشن
تو ۾ سڀ جو آهي ساهه -چندا ماما
هاڻي ايري آءُ

تو بن اونداهي ٿي ڪائي
ٿون اونداهيءَ کي ڀڄاءِ چندا ماما
هاڻي ايري آءُ

ٻڌهي ڏيڏر ڪن ٽا ٽان ٽان
ڏين ٽا دل کي ڏهڪاءِ چندا ماما
هاڻي ايري آءُ

شابس آهي ٽانڊاڻن کي
جي ڪن ٽا ٽمڪي شعاءُ چندا ماما
هاڻي ايري آءُ

اداسي پوپٽ اڏريا پرڙاساهي
اٿيو پن پن مان پڙ لاءِ - چندا ماما
هاڻي ايري آءُ

غزل

محمد بچل ڪارڙو

مستقبل لاءِ تيار هاڻ رهو
هر پلپل لاءِ ٿي چاڻ رهو

ڪنهن کي ٻه رنج ڪين پهچايو
ٻين لاءِ جيئڻ ڪاڻ رهو

حسد ڪينو ڪڍي دل مان
ايڪي ٻڌيءَ ساڻ رهو هر

ٻاڻ وڏي جي عزت ڪريو
ادب جي ٿي ڪاڻ رهو

ڪم جون ڳالهيون "بچل" ٻڌايون
هاڻي پابند ان تي پاڻ رهو.

*



اعجاز علي ڪوسو

غريب جو ٻار
لٽ هٽ ۾
هون هون جي هنگار
غريب جو ٻار
بيرو هوٽل تي
سور رپيا اٿس پگهار
غريب جو ٻار

خواهش پڙهڻ جي
ٻيءَ جي اٽس مار
غريب جو ٻار
ڪري گاڏيون صاف
شام جو روپيه ٻه ٽه چار
هي ڏس ننڍڙو ٻار
سارو ڏينهن مال ۾
ٻڪريو چاري ٻڪرار
هي ڏس ننڍڙو ٻار
سارو ڏينهن جهنگ ۾
ويٺو آهي زندگي کان بيزار

غزل

نياز حسين جوڻيجو

رشوت سفارش هر جاءِ وڌي وئي،
اهڙي واءُ کا اسان وٽ کهلي وئي.

ڪن کي گهر ويٺي ملي روزگار يار
اسان جي ڊوڙي ڊوڙي آ جتي گسي وئي

جنهن ڏي وجون تا کٽي پنهنجا ڪاغذ،
آءِ اير ساري آ بندش لڳي وئي.

اسان جي حقن جون ڪندا هٿا جيڪي ڳالهيون
تن کان اچ قوم آ چو وسري وئي.

ڏيئي ووٽ جنهن کي ڪيوسون منسٽر،
تن کي چو پياري اچ لالچ اپي وئي

الائي چا ٿي ويو آ يتائي جي سنڌ کي،
شايد ڪنهن دشمن جي نظر آ لڳي وئي

*

گيت

اداسي امام بخش جاگيراڻي


هر وقت چاهه رکو پڙهڻ سان اي ٻارو
ڪين ٿيندو حاصل ڪجهه وڙهڻ سان
اي ٻارو

مستقبل جا معمار اوهين ته آهيو
والدين جي نيڻ جا نار اوهين ته آهيو
اوهان ڪي ٿي آهن دنيا جون واڳون سنڀالڻيون
ڪين ٿيندو اهو سڀ ڪجهه ڪابي ڪرڻ سان
اي ٻارو

ڪيو وچن چو ته اچ ڪاپيءَ ڪي هٽائڻ لاءِ
پتي پاڙ تنهنجي نالو نشان مٽائڻ لاءِ
تڏهن ٿيندو ائين جڏهن ساٿ ملندو اوهانجو
منزل ماٿبي آ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ سان
اي ٻارو

ڪاپيءَ ته ڪيو اسان ڪي برباد آ
يلجي به ڪڏهن ان ڪ ڪرتو ته ياد آ
اداسي جو ساٿ اوهان سان آ هر دم
ٿيندو اهو سڀ ڪجهه ڪامياب ٿيڻ سان
اي ٻارو

هر وقت چاهه رکو پڙهڻ سان اي ٻارو
هر وقت چاهه رکو پڙهڻ سان اي ٻارو



شاهد هڪ سنئون ۽ هوشيار ڇوڪرو هو هو سدائين پنهنجي ڪلاس ۾ پهرين نمبر ايندو هو اٺ درجا پاس ڪرڻ ڪانپوءِ نائون درجو پڙهڻ لاءِ هو پنهنجي ڳوٺ کان ٿورڙو پريرو ٻئي ڳوٺ ۾ پڙهڻ ويندو هو. هو روزانو جڏهن اسڪول ويندو هو تہ هن کي رستي ۾ هڪ شخص ملندو هو جيڪو هن کي ڏسي مسڪرائيندو هو. پر شاهد ان تي ڪابہ توجهہ نہ ڏيندو هو. ۽ پنهنجو رستو وٺي مات ڪري هليو ويندو هو ۽ پوءِ اهو روز جو معمول بنجي ويو هڪ ڏينهن شاهد کي دير ٿي وئي ۽ هو جلدي جلدي اسڪول وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ ساڳيو ماڻهو مليس ۽ اڃ تہ انهيءَ شاهد جو رستو روڪيندو چيو تہ لڳي رهيو آهي تہ اڄ توکي اسڪول کان دير ٿي وئي آهي

"ها" شاهد چيو.

هي وٺ پيءُ" هن شخص چيو

"نہ، مون ڪڏهن بہ سگريٽ ڪونہ پيتو آهي" شاهد هن جي هٿ کي پري ڪندي چيو.

"وٺ پي" تہ ڏس هن شخص وري چيس. ان شخص جي بار بار چوڻ تي شاهد هن جي هٿ مان سگريٽ ورتو ۽ وڏو ڪش هنيو ۽ ڪش هڻندي ئي کنگهڻ لڳو. ٻيو ڪش، ٽيو ڪش

ائين شاهد هن شخص وٽ ويهي پورو سگريٽ پيتو ۽ پوءِ واپس گهر آيو گهر پهچڻ تي هن کوڙ ڳالهايو تہ اسڪول ۾ دير سان وڃن تي چوڪيدار هن کي اندر وڃن نہ ڏنو ان ڪري هو واپس آيو آهي.

ٻئي ڏينهن جيئن شاهد اسڪول وڃي رهيو هو تہ ساڳئي شخص شاهد کي چيو" سگريٽ پيئندي؟.

شاهد چيو."نہ ڪلهہ مونکي کنگهہ تي پئي هئي، اڄ ڪونہ پيئندس، هٿ پري ٿي مونکي دير پئي ٿئي."

پر هن شخص شاهد جي جند نہ ڇڏي ۽ تمام نرمي سان هن کيس چيس "اڄ کنگهہ کانہ ايندئي ۽ آئون توکان پئسا تہ ڪونہ ٿو وٺان، وٺ پيءُ"شاهد هن جي زور ڀرڻ تي اڄ وري سگريٽ پيتو.

۽ هاڻ تہ اهو روز جو معمول بنجي ويو. اهو شخص شاهد کي روز مفت ۾ سگريٽ پياريندو هو. ائين شاهد هيروئن جو موالي بنجي ويو. هاڻ تہ شاهد ان شخص کان گهري سگريٽ وٺندو هو.ڪجهہ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ ان

شخص شاهد کي مفت ۾ سگريٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ هن کان هڪڙي سگريٽ لاءِ ٢٥ روپيا گهريس. جيئن ته هاڻ اهو سگريٽ شاهد جي مجبوري بڻجي ويو هو انڪري هاڻ هو گهر مان پئسا چوري ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن شاهد جي پيءُ هن کي چوري ڪندي ڏٺو ته هن کي ڏاڍا دڙڪا ڏنا. هن جي وڏي ڀيڻ جيڪا هن سان ڏاڍي محبت ڪندي هئي.ان ڏاڍي محبت سان شاهد کي سمجهايو ته"چوري ڪرڻ خراب عادت آهي توکي پئسا کپن ته مون کان وٺندو ڪر، پر تون ايترن پئسن کي ڪرين ڪيڏانهن ٿو."

ائين وقت گذرندو ويو. شاهد هيروئين جو موالي بڻجي ويو هو ۽ هيروئن هن جي معصوم چهري کي مرجهائي ڇڏيو هو. هو ڏينهو ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويو. هن جا گهر وارا هن جي ڪرندڙ صحت ڏسي ڏاڍا پريشان ٿيا پر انهن کي ڪاخبر ڪانه ٿي پئي ته شاهد کي ٿيو ڇا آهي. شاهد جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي.

هن جو پيءُ هن کي فوراً ڊاڪٽر ڏي ڪاهي ويو. پر ڊاڪٽرن وٽ پهچڻ کان پهرين هو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. ۽ هن جو پيءُ ٿڪيل قدمن سان هن جي لاش کي کڻي جيڏي مهل گهر واپس پهتو ته سڄو گهر ماتم گاهه بڻجيويو. شاهد جي وڏي ڀيڻ دل ڏاريندڙ رڙيون ڪري رهي هئي ته اسان ڪنهنجو ڏوهه ڪيو آهي جو اسان کي ايڏي سزا ملي آهي.

پيارا ساٿيو اهي ماڻهو ڪيڏان نه سنگدل آهن جيڪي چند ٽڪن جي خاطر معصومن تي به ترس نٿا کائين. ڪيترن جوانن کي پنهنجي ماءُ پيءُ ڀيرن ڀائرن کان الڳ ڪن ٿا.

نئي دوست

عبدالحق جلباڻي

علم دولت ۽ عزت ٽئي ڄڻا هڪ جاءِ تي گڏجي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. جڏهن ٽئي ڄڻا وڃڻ لاءِ موڪلائڻ لڳا ته جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪيائين سا هن نموني جي هئي.


دولت آءُ هاڻ وڃان ٿي مون کي اگر ڳولهڻو اٿو ته اميرن جي محفلن ۾ ڳولهجو؟

علم: مون سان ملڻ چاهيو ته "تعليمي ادارن ڏانهن اچجو"

عزت: ڪجهه به نه ڳالهايو. نيٺ دولت ۽ علم گڏجي عزت کان پڇيو" تون چو خاموش آهين."

عزت جواب ڏنو" آئون جڏهن ويندي آهيان ته ڀيهر واپس هٽ نه ايندي آهيان."

هڪ دفعي جڏهن مونکي ڪتي ڪان پترائڻ جو شوق ٿيو تہ پڇندو پڇندو ٺنڊوالهيار پهتس. بهانو سوٽ جي شادي جو ڪيم، مگر اسان واري سوٽ جي دل ۾ الائي ڪهڙو خيال آيو جو پنهنجي ٺي شادي ڪي بهانو بنائي ڪراچ اچي نڪتو.(اصل ۾ هو منهنجي دعوت تي پنهنجي زال سميت عيد گذارڻ لاءِ آيو هو) هاڻ هنن ڪي ڪراچي گهمائڻو هو عيد ۾ اجان بہ ڏينهن هئا. اهي بہ ڏينهن اسان هن ڪي مائٽن سان ملائڻ ۾ گذاريا سوٽ صاحب بہ هر ڪنهن جي اڳيان پيو پنهنجي ڳوٺ جون تعريفون ڪندو هو. اسان واري ڪراچوي غيرت اهو گوارا نہ ڪيو تہ سوٽ صاحب ڪي ڪراچي گهمائڻ ڪانسواءِ واپس اماڻي ڇڏجي.



ڳوٺ جا ماڻهو چاهي ڪيترا بہ ذهين هجن پر هوندا ڏاڍا سادا آهن. ۽ جيڪو ماڻهو پهرين دفعي ڪراچي اچي ان جي سادي هجن جو اندازو اوهان پاڻ لڳايو. اسان وارو سوٽ چوڻ ۾ تہ ڳوٺ جي واحد اسپتال جو ڪمپائونڊر (سڏائيندو ڊاڪٽر هو) هو. ۽ ڳوٺ ۾ وڏو تعليم يافتہ سمجهيو ويندو هو. پر ڪراچي.... هي تہ تعليم يافتہ شهر آهي هتي تہ چڱا وڏا ڊاڪٽر بہ پڪوڙا ڪپائيندي نظر ايندا آهن سو هتي اسان واري سوٽ سڳوري جي ڪهڙي حالت ٿيندي، ان جو اندازو اوهان پاڻ لڳائي سگهو ٿا.

بهرحال عيد جي ڏينهن اسان ڪئميرا ۽ ٻيو ضروري سامان ڪنيوسين ۽ پروگرام مطابق صدر وياسين ۽ اتهين پنڌ ئي پنڌ ڪلفٽن ڏي هلياسين هلندي هڪ پل تي پهتاسين تہ سوٽ رڙ ڪري چيو تہ هڪ فوٽو ٿي وڃي. مون بہ چيو پل تي وڃي. هو بہ نهي سنبري پل جي پاسي ۾ ٿي بيٺو. اسان بہ ڪئميرا سيٽ ڪري سوٽ ڪي چيو" ٿورڙو مسڪرايو"پوءِ پاڻ مشڪيا بلڪہ گهٽو ئي مشڪيا. ايستائين جو واڇون آخري حدن تائين ٽيڙي ڏندن جي نمائش ڪرڻ لڳا. اسان بہ خار ڪائيندي چيس.شاباس! اجان وڌيڪ زورلڳايو بس هڪڙوئي رهجي ويو آهي ايڪٽينهہ تي ڏسڻ ۾ اچن پيا. "چيس" ڇا مطلب؟

ادا مطلب اهو تہ مون اوهان ڪي مسڪرائڻ لاءِ چيو هو ڇهرا ڏيڻ لاءِ نہ

ڪجهه دير تہ مونکي حيرت سان ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پيٽ تي هٿ رکي، منهن آسمان جي طرف ڪيو، بلڪل ائين جيئن ڪڪڙ پاڻي پيئندي ڪندي آهي. ڪافي دير ڪانپوءِ ڪجهه آواز بہ ٻڌڻ ۾ آيو، پوءِ خبر پئي تہ سائين جن کلي رهيا هئا. خير سوٽ جو فوٽو ڪديم اڳتي هلياسين آخرڪلفٽن پهتاسين سمنڊ وٽ پهچي مون وڏي تڪبر سان چيو" يلا ٻڌاءِ ڪيئن آهي ڪراچي ڪهڙو نہ خوبصورت نظارو آهي سمنڊ جو."

ادا پريشان ٿيندي چيو" هي سمنڊ آهي مون سمجهيو پئي تہ خبر ناهي سمنڊ ڪهڙي آفت ٿيندو آهي. هيءَ تہ هڪڙي وڏي نهر آهي .... ۽ بس... مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي تہ همراه سمنڊ کان بہ مرعوب نہ ٿيو. نيڪ آهي ڪيس جهولن جي سزا ٿو ڏيان. واپس پلي ليند ۾ اچي سيني کان خطرناڪ جهولي ۾ اچي ويٺاسين. ٿوڙي دير ڪانپوءِ جهولو هلڻ لڳو پهرين تہ سوٽ کي مزور اچڻ لڳو پر پوءِ جيئن جهولي جي رفتار تيز ٿيندي وئي. اسان وارو سؤٽ بہ پريشان ٿيڻ لڳو ۽ هن زور سان منهنجي ٻانهن کي جهليو. مون هن ڏانهن ڪنڌ ورايو ڇا ڏسان تہ همراه زمين ڏانهن ڏسي رهيو آهي هڪ هٿ سيٽ جي هينڊل کي ۽ ٻئي هٿ سان وري اسان جي ٻانهن کي جهليو ويٺا آهن. منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو آهي جڻ تہ سڄو رت هتي اچي گڏ ٿيو آهي مون پڇيو مانس تہ"ڇاٿيو؟" پر هن ڪو جواب ئي نہ ڏنو. شايد اسان جي ڳالهہ ٻڌي ئي نہ هئس. جهولي جي رفتار جيئن جيئن تيز ٿيندي وئي تيئن تيئن انجي گرفت ٻانهن تي مضبوط ٿيندي وئي ۽ هيءَ ڪا عام ماڻهو جي گرفت ڪانہ هئي هڪ ڊنل ڳوٺاڻي جي گرفت هئي، مونکي لڳو پئي تہ اجها ٿي ٻانهن ڀڄي. ڏاڍو سور ٿي رهيو هو ڪجهہ دير تہ مون برداشت ڪيو پر آخر ڪيستائين؟ اسان پنهنجي رڙين تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهياسين. ٻيا بہ گهڻائي رڙيون ڪري رهيا هئا. ڪجهہ ڊپ کان ۽ ڪجهہ وري شوق سان.

جهولوخدا خدا ڪري بيٺو ماڻهو لهڻ لڳا. اسان جي چوڻ تي سؤٽ بہ اٿيو ۽ لڏندي ٻاهر نڪتو. ٻانهن ۾ ڏاڍو سور هو. آءُ سامهون واري پارڪ ۾ وڃي ويٺس. سؤٽ بہ لڏندو ڪڏندو اچي گڏ ويٺو مون هن جي معصوم صورت ڏٺي ۽ سوچيم تہ اهين خوفزده هجڻ جي ڪري دل ئي دل ۾ شرمنده نہ هجي اخلاقاً پڇيومانس " ڪيئن رهي تفريح" فوراً هٿ پيٽ ڏانهن ۽ مٿو آسمان ڏنهن ڪري هڪ وڏو ٽهڪ ڏنائين. پوءِ وري ڪنڌ هيٺ ڪري مون ڏانهن نهاري ٻيو ٽهڪ ڏنائين. آءُ حيران ٿي ويس پڇيومانس "ڇاٿيو" چوڻ لڳو.. اڙي يار! ڪراچي ۾ رهين ٿو" پوءِ بہ جهولي کان ايڏو ڊڄين ٿو توبهہ آهي ڪيڏيون رڙيون پئي ڪيئي!

اخلاقيات جي شعبي ۾ به ڳوناٽا شهرين کان عموماً اڳتي هوندا آهن گڏجي
ڪم ڪرڻ، هڪٻئي جو هٿ ونڊائڻ ۾ خصوصاً بزرگن جي عزت ڪرڻ اتي هڪ
عام رويو هوندو آهي ۾ وري جڏهن ڪو بزرگ معذور هجي ته هن جو زياده ئي
خيال رکيو ويندو آهي سوٽ به بنيادي طور تي ساده طبيعت انسان آهي. ڳوٺ ۾
نپجي وڏو ٿيو آهي انڪري همدردي ۾ خلوص جون صفات ان ۾ به بدرجه اتم آهن.
اسان ڪلفٽن کان واپس اچي رهيا هئاسين ته هڪ معذور ۾ ضعيف شخص
بس ۾ سوار ٿيو سوٽ مون سان گڏ بس جي پوئين سيٽ تي ويٺو هو جيئن ئي
سوٽ جي نظر هن جهوني تي پئي ته سيٽ ڇڏي اٿي بيٺو ۾ هن کي عرض ڪيائين
ته حضرت اوهين ويهو جهوني شڪريو ادا ڪيو ته نه اوهين ويهو پر جناب اها ڪا
روايتي پيشڪش ته نه هئي هيءَ ته هڪ صاف دل ڳوناٽي جي دعوت هئي. هاڻ
بس ۾ عجيب صورتحال پيدا ٿي وئي، جهونو منع ڪري رهيو هو پر سوٽ جو
اصرار ته نه حضرت اوهين ويهو مون ڏٺو ته بس ۾ موجود اڪثر ماڻهن جي چهرن
تي کل هئي.آءٌ پاڻ به کلڻ وارن ۾ شامل هئس پر ٿورڙو شرمه به هئس .


****

ٻئي ڏينهن پروگرام هي هو ته شهر جي ڏکهي ڏکهي عمارتن جو سير ڪيو
وڃي ڪالهه جي پيادل سفر ٻنهي کي تڪائي ڇڏيو هو. اڄ بس ۾ وڃڻ جو ارادو
هو. ميزبان هجڻ جي حيثيت سان ڀاڙو به منهنجي ذمي هو.بعض جڳهن تي سوٽ
ڪوشش ڪئي ته منهنجي ڪيسي تي گهٽو بار نه پئي ڪجهه بار پاڻ به ڪٽي، پر
صاحب اخلاقيات جي طرفان اچا ايترا به نالائق نه هئاسين.
سير جو آغاز سي بريز پلازه کان ٿيڻو هو اسان اتي پهتاسين ۾ لفٽ جو بٽڻ
ڏٻائي انتظار ڪرڻ لڳاسين "هتي ڪنهن سان ملڻو آهي؟" تحسين ڀاءُ سان منهنجو
دوست آهي. هن جو دفتر ارڙهين منزل تي آهي"مون هن جي سوال جو تفصيلي
جواب ڏيندي چيو. منهنجي ڳالهه ٻڌي هن وڏي معصوميت سان پڇيو "هي تو هڻ
جي دفتر جي گهنٽي وڄائي هئي" يڪم مون کان کل ڇڏايجي وئي"نه سوٽ! هي
ته لفٽ گهرائڻ لاءِ هئي" "ته لفٽ ذريعي پڄڻ جو ارادو آهي" هن چيو مون ڏٺو
ته هو ڪجهه پريشان ٿي ويو آهي پر ماڻهو لاجواب هو. چوڻ لڳو"واهه يار واهه
اهو ڪهڙو سير آهي جنهن ۾ خبر ئي نه پئي ته ماڻهو ڪٿي آهي ۾ ڪيئن پهتو" آءٌ
حيران ٿي ويس. پڇومانس"ڇامطلب؟" چوڻ لڳو ته ماڙي ذريعي هلون ٿا ٿوري
تفريح به ٿي ويندي"ماڙيءَ ذريعي ارڙهين منزل تائين پهچڻ جو ٻڌي منهنجي ٽنگن
مان ساهه ئي نڪري ويو پر هن جي ضد سامهون ڪجهه نه هلي ٻيو اهو خيال به
هو ته جي سوٽ جي ڳالهه نه مڃي سون ته بزدليءَ جو طعنو ڏيندو. نيٺ پيرا

پيرا ڪري ارڙهين منزل تي پهتاسين آخري منزل جي ماڙي تي لڳي رهيو هو تہ
ٽنگن ۾ ساهہ ئي ڪونهي. ساهہ تي ڪنٽرول نہ هو ڪڏهن اچي رهيو هو تہ
ڪڏهن وڃي رهيو هو. حالت تہ هن جي بہ خراب هئي پر زوريءَ کلندي چيائين”
آها ... مزو اچي ويو“
ڪافي دير تائين ساهہ سڌي ڪرڻ ڪانپوءِ تحسين صاحب سان ملاقات ڪئي
۽ چانهہ بسڪٽ کائڻ ڪانپوءِ واپسيءَ جو ارادو ڪيو. مون کي لفٽ ڏانهن ويندي
ڏسي چيائين؟جيئن آياسين تيئن موٽنداسين“ پر مون ۾ هاڻ ايتري همت ڪانہ هئي
ان وقت لفٽ اچي رڪي تہ زوريءَ سوٽ کي ان ۾ ڏڪيوسين. پيا بہ ڪيترائي
ماڻهو ان ۾ سوار هئا. لفٽ گراؤنڊ فلور ڏي وڃي رهي هئي . ڏهين منزل تي رڪي
تہ دروازو کليو سوٽ نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڇڪيومانس پيهر هيٺائين ڏانهن
سفر شروع ٿيو هو سڀ ڪان اڳتي دروازي ۾ بيٺو هو. هڪ هٿ لفٽ جي پٽ ۾ ۽
پيو ڪيسي ۾ چڻ ڪيسي ڪٽڻ جو ڊپ هجيس. ڪجهہ دير ڪانپوءِ اسان گراونڊ
فرلور تي هئاسين دروازو کليو پر سوٽ اتي بيٺو رهيو. پويان هڪ ماڻهو
چيو” حضرت لهو هاڻ وري اندر گرائونڊ وڃڻ جو ارادو آهي ڇا“ سوٽ هن آواز کي
نظر انداز ڪري لفٽ آپريٽر کي مخاطب ٿيو ”ها ياءَ ڪيترا پيسا ٿيا“ آپريٽر هن
جو منهن ڏسدو رهجي ويو. آءٌ جلدي هن کي ٻاهر وٺي آيس ۽ ٻڌايو مانس تہ لفٽ
جو ڀاڙو نہ ٿيندو آهي يڪم ناراض ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو پهرين ڇو ڪونہ ٻڌايئي.
هرويرو ڪچي ڪرائي. هاڻ واپس گهر هل آءٌ ٿڪجي پيو آهيان.
چوندا آهن تہ اللہ تعاليٰ شڪر خور کي شڪر ڏيندو آهي سوٽ جي شاديءَ
ڪانپوءِ آءٌ ان محاوري جي حقيقت کان واقف ٿيس. اللہ تعاليٰ سوٽ کي زال بہ
شريفائي عطا ڪئي، اسان جي ڀاڄائي صفا سادي آهي. ڪراچي اچڻ ڪانپوءِ بيمار
ٿي تہ اسان ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وياسونس، هسپتال وڃن جو هنن جو پهريون اتفاق
هو ان کان پهرين جو شاندي جو علاج هو.
خير اسپتال پهتي تہ ڊاڪٽر صاحب ٽيمپريچر ڏسڻ لاءِ ٿرماميٽر هن کي ڏنو
وٺي ڏڪڻ شروع ڪيائين، ٿرماميٽر ڪري پيو ۽ ڀڄي پيو. ڊاڪٽر ٻيو ٿرماميٽر
ڏنس جهلي ڪٽي وات ۾ وڏائين پر ابتو. سڀ کلڻ لڳيا. نيٺ دوا وٺي واپس آياسين.
آءٌ سڄو رستو سوچي رهيو هئس تہ اللہ ڪهڙي جوڙي ملائي ڇڏي آهي.
ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سوٽ واپس ڳوٺ ويو هليو پر اسان جي عيدجون خوشيون
ٻيٽيون ڪري ويا هاڻي هر عيد تي سوٽ ڏاڍو ياد ايندو آهي پر هو وري ڪڏهن
ڪراچي نہ آيو.

کل تہ کتل جو پاءُ کارایائين

• ڊاڪٽر مريض کي: اوهان کي مبارڪ هجي اوهان جي کن جو آپريشن ڪامياب ٿيو.
مريض: ٿورو زور سان اوهان ڇا چئي رهيا آهيو.
عبدالقدير گڏاڻي



• استاد شاگرد کي: الله تعاليٰ اکيون ڇا لاءِ ڏنيون آهن؟ شاگرد سائين ڏسڻ لاءِ
استاد! شاباس! ۽ کن؟ شاگرد سائين مُرغو ٽيڻ لاءِ
صاحب ڏنو ڪوري

• ڪنهن هنڌ هڪ جلسو ٿي رهيو هو سڀ ڪان پهريائين ان پارٽي جي ميمبر، پارٽي جي صدر جي شان ۾ تمام گهڻو ڳالهايو. هن پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ "اسانجو صدر سج آهي اسان ان جا ڪرڻا. اسان جو صدر گل آهي اسان ان جون پنکڙيون، اسان جي پارٽي جو صدر چنڊ آهي اسان ان جا ستارا. جلسي ۾ موجود هڪ شخص اهو ٻڌي ڏاڍو بور ٿي رهيو هو سو ڪاوڙ ۾ اٿي رڙ ڪري چيائين "توهان جو صدر ديڳ آهي ۽ توهان سڀ ان جا چمچا"
محمد ابراهيم ڏاهو

• استاد (شاگردکي) توکي شهور لڙايون ياد آهن؟
شاگرد: سائين! لڙايون تہ ياد آهن پر.......
استاد: پر ڇا؟
شاگرد: سائين عان چوٽي آهي تہ گهر جا راز ٻين ک نہ ٻڌائيندو ڪر.
محمد غلام پنو لاڙڪاڻو

• هڪ سائيڪل واري جي پوڙهي سان ٽڪر ٿي پئي
پوڙهو اٿي سائيڪل واري کي چار آنا ڏيڻ لڳو سائيڪل وارو حيرت مان چوڻ لڳو هڪ ٽڪر مون هنئي ۽ چار آنا تون ڏين پيو.
پوڙهو چوڻ لڳو تون انڌو آهين انهي ڪري ڏيان پيو.
بلال سومرو

• (پي پٽ کي) پٽ ڇت تي چڙهي ڏس تہ بجلي صرف اسان جي محلي جي ويئي آهي يا ٻيا وارن محلن جي بہ. پٽ ڇت تي چڙهي چوي ٿو تہ بابا ٻيري ٻيري تائين اوندھ لڳي پئي آهي، اها ٽارچ ڏيو تہ روشني تي ڏسان.
مظهر چانڊيو لاڙڪاڻو

● ٻيءُ پٽ کي: تون اسڪول ڇو نہ.ٿو وڃين
پٽ: مينهن پيو وسي تنهنڪري اسڪول نہ ٿو وڃان.
ٻيءُ: پوءِ استاد مارينديئي
پٽ: بابا پوءِ ڇني لکي ڏي ڪٿي ڏيئي اچان.
ٻيءُ: ڇني ڪٿان ڪٿي ويندي؟
پٽ: ٻاهريون پاسو ڏيءِ ويندس.

غلام قادر ڪاتائي

● انور عادل (ڏاڏي کي)ڏاڏا، امتحان ۾ آئون اهو پلجي ويس تہ چين، افغانستان ۽ بنگلاديش ڪٿي آهن؟
ڏاڏو"ڇوڪرا تڏهن تہ چوندو آهيان پنهنجيون شيون پاڻ وٽ سنڀالي رکندو ڪر.

پرڪومل مالهي عمر ڪوٽڙي

● هڪ موالي: ٻئي کي يار هي آسمان تي ڇاپيو چمڪي
ٻيو موالي: يار آئون تہ پاڻ پرديسي آهيان

خدا بخش خاصخيلي

● هڪ ماڻهو ڪنهن مسخري عاقل جي تعريف ڪري رهيو هو تہ هو ظالم اهڙيون ڪلائيندڙ ڳالهيون ٿو ڪري جو انسان تہ ڇا پر گڏهہ هجي تہ کل اچي وڃيس منهنجو تہ کلي کلي برو حال ٿي ويو آهي.

● استاد شاگرد کي: "رستن تي سگريٽ نہ اڇلايو آمريڪا واري ٻاهہ ياد ڪريو"
انهيءَ تي هڪ ٻيو جملو ٺاهيو.
شاگرد"جڳهہ، جڳهہ تي ٿڪون نہ اڇلايو پنجاب واري ٻوڏ ياد ڪريو."

شفقت الله ابڙو گهوٽڪي

● هڪ موالي ٻئي موليءَ کي چيو يار مان ڪالهہ نشي ۾ اچان پيو تہ اوچتو خانڻ جي ڪتي مون کي چڪ پاتو.
ٻئي موليءَ چيس يار پوءِ وري ڇا ٿيو.
پهريون موالي ڇا وري ڇا ٿيو مان بہ ڦيرائي هڪ ڪان بہ چڪ پاتا مانس.

عبدالحليم ڪلهوڙو لاڙڪاڻو

● استاد: اڙي ڇوڪرا تون اڃان تائين اسڪول جي فيس نہ آندي آهي
شاگرد: سائين سڀاڻي آڻيندس
استاد: اها سڀاڻي سڀاڻي روز ٻڌي ٻڌي منهن جا تہ ڪن ئي پڇي پيا آهن
شاگرد: سائين سڀاڻي فيس بہ آڻيندس ۽ توهان جي ڪَنن جي دوا بہ.

● استاد: "وڏي مهرباني ٿيندي" جملي ۾ ڪم آڻيو.
شاگرد: سائين هڪ هفتي ۾ ست موڪليون ڏيندو تہ"وڏي مهربان ٿيندي."

صوبيدار: ڳوناڻي کان پڇيو" جڏهن رات جو چور تنهن جي گهر ۾ داخل ٿيو تہ ڪهڙو وقت هيو؟
ڳوناڻو: سائين اهو وقت ڏاڍو ڏکيو هيو.

روشن علي ٽنيو

انعامي مقابلو

ذهني آزمائش نمبر٧ جا صحيح جواب

١. سن ٢ هجري
٢. ١۴ مسلمان شهيد ٿيا.
٣. بليڊ سان آڱر کي ٽڪو ڏئي پني تي قلم سان "پاڪستان زنده آباد" لکو ۽ پوءِ اسپرٽ سان زخم کي صاف ڪريو.
۴. هڪ ٽيبل تي ۽ ٽي پليٽ ۾ آهن اهڙي طرح سيني کي هڪ هڪ لڏ اچي ويو.
٥. ١٧٨

پنجن سوالن جا صحيح جواب ڏئي ساٿي مزمل ميمڻ هالا پراڻا خوبصورت گهڙي جو انعام حاصل ڪيو آهي.

چئن سوالن جا صحيح جواب ڏيندڙ ساٿي

١. فريده شيخ ڪنڊ ڪوٽ٢. مراد علي رند ٣. محمد علي بلوچ ۴. محمد خان ٥. علي رضا ٦. جمن قبراٽي ٧. اعجاز شيخ ٧. اشفاق شيخ ٨. خادم اعواڻ

ان کان علاوه هيٺين ساٿين به مقابلي ۾ حصور ورتو.

علي حيدرٻارڻ، محمد علي ميربحر، قربان علي ڪوسو، منير حسين شيخ، شاڪر حسين ڪورڪٽي، انور علي چنو، احمد مينگل، محب الله باجڪاٽي، زبير احمد نوناري، عمرفاروق چنا، حبيب الله لوهر، شمن باجڪاٽي، هادي بخش ڇڄڻ، ممتاز علي ڪوسو، طارق رفيق نوناري، تاج محمد ڪنڊ ڪوٽ، حميد الله خلجي، عبدالقدوس، محمد يونس، امتياز احمد سومرو، نديم حسين پٺاڻ، محمد صديق،حفيظ الله اوڳاهي، عبدالرحيم شيخ، مظهر علي چانڊيو، عبالغني خشڪ، شاد محمد لاشاري، عبدالواحد نوناري، طارق اسلم شيخ، محمد عالم نوناري ۽

ذهني آزمائش نمبر ٨

سيئي جواب صحيح موڪليندڙ ساٿين مان ڪڻن ذريعي منتخب ٿيل هڪ ساٿي کي خوبصورت گهڙي انعام طور ڏني ويندي. جوابن موڪلڻ جي آخري تاريخ 18 اپريل آهي.


سوال- حضرت هود عليہ اسلام ڪهڙي قوم ڏي نبي ٿي آيو هو؟
سوال- فاتح مصر ڪهڙي اصحابي جو لقب آهي؟
سوال- مشهور سائنسدان نيوٽن ڪهڙي ملڪ جو رهواسي هو؟
سوال- مشهور سياح مارڪو پولو جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان هو؟
سوال- پاڪستان جي پهرين ريڊيو اسٽيشن ڪٿي قائم ٿي؟

ڪوپن ذهني آزمائش نمبر٨

نالو:

پڙهندڙ:

ائڊريس:



ساٿي مصور







ڄاڻ وڌايو

* قبرن جو شهر- احمد آباد- ڀارت
* مسجدن جو شهر- ڍاڪا- بنگلاديش
* روشندانن جو شهر - حيدرآباد- پاڪستان
* وڏين عمارتن جو شهر- نيويارڪ- آمريڪا
* منارن جو شهر- استنبول- ترڪ
* رستن جو شهر- فلورينس-اٽلي
* مندرن جو شهر- بنارس- هندستان
* نوابن جو شهر- حيدرآباد- دکن
* هوائن جو شهر- شڪاگو- آمريڪا
* هوٽلن جو شهر- بيروت- لبنان
* اوليائن جو شهر- ملتان- پاڪستان

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)